# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو سِه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد ۳۰ - نمبر ۱ ۽ ۲

۱۹۸۱ع



۽ هر شيءِ ۾ ان لاءِ

شاهد موجود آهي،



جيڪو اها سڌ ڏئي ٿو

ته الله هڪ آهي.

(عربي بيت)

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو سه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد 30] [نمبر 1 ۽ 2

جنوري — جون

1981ع

•

ايڊيٽوريل ڪميٽي

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي

ڊاڪٽر غلام علي الانا

سيد شاهه محمد شاهه شاد

ايڊيٽر انچارج

نفيس احمد شيخ

سنڌي ادبي بورڊ

سنڌ يونيورسٽي نيو ڪئمپس، ڄامشورو سنڌ.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# مهراڻ

سنڌ يونيورسٽي نيو ڪئمپس، ڄامشورو سنڌ.

فون نمبر 23888/6

آفيس 51176

پريس 22764

ملڻ جو هنڌ

سنڌي ادبي بورڊ جو بوڪ اسٽال

سنڌ يونيورسٽي نيو ڪئمپس، ڄامشورو

(پوسٽ باڪس نمبر 12، حيدرآباد سنڌ)

۽

سنڌ جا سمورا نامور ڪتب فروش

قيمت : 00ـ15 رپيا

ساليانو چندو 00ـ30 رپيا

Printed and published by Ghulam Rabbani A. Agro, Secretary Sindhi Adabi Board, at the Board's Printing Press ,Tilak Incline, Hyderabad, Sind.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

بسم الله الرحمان الرحيم

# گذارش

## سنڌي اديب

اسان جي معاشري ۾ اديب ۽ شاعر ۽ فنڪار عام طرح سان نهايت مفلوڪ الحال آهن، پر انهن ۾ به سنڌي زبان جي لکندڙن ۽ فنڪارن جي حالت ته هيڪاري سقيم آهي.

سنڌي زبان جو ڪو به ننڍو يا وڏو تاريخ نويس يا ڪهاڻي نويس، شاعر يا ناول نگار اهو تصور به ڪري ڪو نه ٿو سگهي ته گذر سفر جي ڪنهن ذريعي ڳولڻ کان سواءِ هو پنهنجو سمورو وقت لکڻ پڙهڻ ۾ صرف ڪري، عزت آبروءَ سان زندگي بسر ڪري سگهي ٿو.

ويهين صديءَ جي سائنسي دؤر ۾ جڏهن انسان چنڊ تي پير رکي چڪو آهي، تڏهن سنڌي زبان ۾ اهڙا بيشمار لکندڙ هوندا، جن ڪي رڳو موٽر تي پير رکڻ يا ٻيءَ اهڙيءَ ڪنهن معمولي آسائش جي حسرت سڄي عمر دل ۾ رهي هوندي. بلڪ، اهڙي ماحول ۾ منجهانئن ڪيترائي ڇٽا جيڪڏهن مالي ڪسمپرسيءَ سبب پنهنجو جوهر ڏيکاري سگهڻ کان سواءِ گوندر ۾ ڪوماٺل گلن وانگر انتهائي ڏکويل حالتن ۾ هي جهان ڇڏي ويا هجن، ته به عجب ڪونهي.

سنڌي اديب ۽ فنڪار ڪي اخبار ۾ ڪم ڪندڙ صحافيءَ جيتريون معمولي سهوليتون ۽ رعايتون به نصيب نه آهن.

روزگار، صحت ۽ ٻچن جي تعليم جي بنيادي مسئلن ۾ جيئن سنڌ جو عام ماڻهو ڇوڪنيو ٻڏل ۽ سرگردان آهي، تيئن سنڌي لکندڙ ۽ فنڪار پڻ حيران ۽ پريشان آهي. دل ۽ دماغ جي اهڙي ڪيفيت ۾ ڪهڙو معياري ۽ اعليٰ ادب سنڌي زبان ۾ سرجي سگهندو، سو آسانيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو.

دنيا جون اهي ترقي يافته ٻوليون ۽ سڌريل معاشرا سنڌي لڪندڙ کي ڇڻ هڪ طلسمي دنيا پيا لڳن، جن ۾ اديب ۽ شاعر کي معاشري جي ٻين فردن جي ڀيٽ ۾ منفرد ۽ ممتاز مقام حاصل آهي ۽ هُو هر پريشانيءَ کان ڪُلي طور محفوظ، پنهنجو سمورو وقت ادب تخليق ڪرڻ ۾ مصروف آهن.

اها هڪ سچيل حقيقت آهي ته موجوده دؤر ۾ رياست ۽ حڪومت جي پاليسي هر فرد جي زندگيءَ کي متاثر ڪري ٿي، انڪري اهو حڪومت جو ئي فرض ٿئي ٿو ته اها معاشري جي هن اهم فرد يعني اديب ۽ فنڪار جي دستگيري ڪري.

ماضيءَ ۾ ڪيتريون حڪومتون ملڪ جي اديبن ۽ شاعرن جي مسئلن کي مجموعي طرح حل ڪري، کين آبرومندانه ۽ مطمئن زندگي ميسر ڪري ڏيڻ لاءِ پاڻ پتوڙينديون رهيون. موجوده حڪومت پڻ ان ڏس ۾ قابل قدر تحرڪ ورتو آهي. ڪجهه عرصو اڳ، اسلام‌آباد ۾ ڪوٺايل پاڪستان اهل قلم ڪانفرنس جي موقعي تي ست رڪني صدارتي ڪميٽيءَ ملڪ ۾ اديبن جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ حڪومت کي اهم سفارشون پيش ڪيون آهن.

تازو وزارت تعليم طرفان حيدرآباد ۾ ڪوٺايل ڪتابن جي قومي سيمينار ۾، ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان آيل اديبن ۽ شاعرن پڻ ادب ۽ اديبن جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ متعدد مثبت تجويزون مرتب ڪيون آهن، جي حڪومت کي پيش ڪيون وينديون.

اسان جي پاڪستان سرڪار جي وزارت تعليم ۽ ثقافت ۽ سنڌ سرڪار جي ثقافتي کاتي کي گذارش آهي ته انهن تجويزن ۽ سفارشن کي فائيلن جي زينت بنجڻ کان بچائي، عملي شڪل ڏني وڃي.

اميد آهي ته سرڪار ان ڏس ۾ گهربل اپاءُ وٺندي، جيئن اديبن ۽ شاعرن جي فلاح جو بندوبست ٿي سگهي ۽ هُو ذهني سُڪون سان ادب تخليق ڪري، مُلڪ جي ثقافتي سرمايي ۾ اضافو ڪري سگهن.

## آديسي آٿي ويا

ويجهڙائيءَ ۾ ڪيترائي نامور سنڌي اديب ۽ شاعر، فنڪار ۽ صحافي، سماجي ۽ سياسي خدمتگذار گذر ڪري ويا آهن، جن جي جدائيءَ کي گهڻي ڏک سان محسوس ڪيو ويو آهي. سنڌي ادب، ٻولي، شعر، صحافت، موسيقي ۽ سماجي بهبود جي

ميدانن ۾ سنڌ جون مخلصانه خدمتون ڪڍهن به وساري نٿيون سگهجن. خانصاحب اُستاد منظور علي خان، مسڪين جهان خان کوسو، خانبهادر محمد ايوب کهڙو، مصري خان جمالي، محمد عثمان ڏيپلائي، عبدالله خواب حيدرآبادي، مولانا دُر محمد خاڪ، شيخ عبدالرحيم، مائيٽو اوڌو، شاهه محمد ثاقب منگي، حاجي حقير ابن مگڻ، سيد سردار علي شاهه ”ذاڪر“، مولانا عبدالغفور سيتائي ۽ حاجي محمد صادق ميمڻ اڄ اسان وٽ موجود ناهن، پر سنڌ جون خدمتون سدائين قائم ۽ ياد رهنديون. ادارو مرحومين جي پوين سان همدرديءَ جو اظهار ڪندي دعاگو آهي ته شال رب ڪريم کين سرهي.

## پنهنجي بابت

اسان هجري پندرهين صديءَ جي آمد جي موقعي تي مهراڻ جي ٻن خاص نمبرن — ”سيرت نمبر“ ۽ ”مشاهير نمبر“ — جو اعلان ڪيو هو.

سيرت نمبر شايع ٿي چڪو آهي. ان جي تجربي سان معلوم ٿيو ته اهڙن خاص نمبرن لاءِ عالمن ۽ دانشورن کان گهربل علمي ۽ تحقيقي مواد حاصل ڪرڻ ۾ وقت لڳي ٿو، ڇو ته هنن کي به اهڙو مواد نئين سر تيار ڪرڻو پوي ٿو، جنهن لاءِ کين فرصت ۽ فراغت گهرجي. مواد جي حاصلات کان پوءِ ان جي ايڊيٽنگ ۽ ڇپائيءَ جا مرحلا پڻ وقت وٺن ٿا.

انهيءَ صورتحال جي پيش نظر، اسان مشاهير نمبر بابت مهربان پڙهندڙن کي هيءَ ڳالهه گوش گذار ڪرڻ گهرون ٿا ته مذڪور پرچي جو ڪم جاري آهي. پر ان جي اشاعت لاءِ ڪابه تاريخ يا ڪو ميعاد مقرر ڪونه ٿا ڪريون. مهراڻ جا دستوري پرچا شايع ٿيندا رهندا — ان وچ ۾ ڇهين ٻارهين مهيني اندر، جيئن ئي مشاهير نمبر تيار ٿي ويو ته اهو فوراً شايع ڪيو ويندو. ان صورت ۾، پڙهندڙن کي انتظار به نه ٿيندو ۽ لکندڙن کي به معياري مضمون تيار ڪرڻ ۾ گهربل وقت آسانيءَ سان ملي ويندو. اسان جا مهربان لکندڙ مهرباني ڪري بزرگن ۽ روحاني رهبرن جي سوانح ۽ ڪارنامن تي مشتمل سير حاصل تحقيقي مضمون جلد کان جلد اداري کي موڪلڻ فرمائين، جيڪي سنڌ چوڏهين صدي هجريءَ دوران پيدا ڪيا آهن. انشاالله، لکندڙن جي تعاون سان، اسان وڏي معيار وارو مشاهير نمبر شايع ڪنداسين.

— نفيس احمد شيخ

## ڪهاڻيون


| | | |
|---|---|---|
| ۱. لوڻي نه لاهيان | ـ سعديه ميمڻ | ۴۵ |
| ۲. متيءَ جو مان | ـ نسرين خواجه | ۴۹ |
| ۳. هڪ دل ـ هڪ ديوار | ـ رفيق سومرو | ٦۱ |
| ۴. جنم جلي | ـ رزاق مهر | ٦۹ |
| ۵. مون کي مون پرين | ـ زيب سنڌي | ۷۸ |
| ٦. محبت ۽ موت | ـ ايون ترگنيف<br>مترجم: چام وقارحسين قادري | ۸۵ |


## مضمون


| | | |
|---|---|---|
| ۱. تعليم ڇو ۽ ڇا لاءِ؟ | ـ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | ۹۷ |
| ۲. مسلمانن جا علمي ۽ تهذيبي ڪارناما (فقه ۽ تفسير) | ـ علامه غلام مصطفيٰ قاسمي | ۱۰۵ |
| ۳. قديم سنڌ جا يوناني ۽ رومي تذڪره نگار | ـ محمد حسين پنهور | ۱۰۸ |
| ۴. رسول صه جي شان ۾ شاعرن جي عقيدت | ـ قربان علي بگٽي | ۱۴۰ |
| ۵. مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جون سنڌيءَ ۾ تصنيفات | ـ ڊاڪٽر مدد علي قادري | ۱۴۵ |
| ٦. سنڌي زبان جا ادبي ماهوار رسالا | ـ قريشي حامد علي خانائي | ۱٦۰ |
| ۷. سنڌي مشاعرا ـ ورهاڱي کان اڳ | ـ ڊاڪٽر نوازعلي شوق | ۱۸۱ |
| ۸. منڇر جا پکي (قسط ـ ۲) | ـ جمال ميرائي | ۲۱۲ |
| ۹. سنڌ ۾ طب ـ صدين جي آئيني ۾ (قسط ـ ۲) | ـ ڪيپٽن ڊاڪٽر زمان شيخ | ۲۱۹ |
| ۱۰. ڇا درياخان ۽ مبارڪخان ٻه الڳ شخص آهن؟ | ـ غلام محمد لاکو | ۲۲۳ |
| ۱۱. سومرا قوم جو حسب نسب (قسط ـ ۲) | ـ مير محمد بخش خان ٽالپر | ۲۳۵ |
| ● پاڪستان اهل قلم ڪانفرنس (هڪ مختصر جائزو) | ـ نفيس احمد شيخ | ۲۵۵ |

# شاعري

## عطا محمد حامي

### غزل

رباڻ مان جيڪڏهن نڪري ته اهڙي گفتگو نڪري،
نه ’مان‘ نڪري، نه ’تون‘ نڪري، فقط نڪري ته ’هُوُ‘ نڪري.
جڏهن ڪوڙهن جي صورت ۾ ڪڙي دل جو لهُو نڪري،
تڏهن ميدانِ الفت ۾ ڪو عاشق سرخرو نڪري.
لکين نڪرن ڀلا موتي، لال، گوهر، گل، ڪتيون، تارا،
مگر تن مان نئو هڪڙو به تنهنجي هوبهو نڪري.
جوان ٿو، هيئن به چوندس هونءَ به چوندس توکي، ٻر پيارا،
مجال آهي جو هڪڙو حرف تنهنجي روبرو نڪري.
ٿين ساريون تمنائون، سموريون خواهشون نڪرن،
مگر مولا ڪري، دل مان نه تنهنجي آرزو نڪري.
بدن مان روح نڪري ٿو سگهي ”حامي“ مگر سر مان،
ڪڏهن ممڪن نه ٿي سگهندو، جو خودداري جي خُو نڪري.

## نياز همايوني

### التجا

اڄ هئي دُعا، علم ۽ رزق اي رحمان ڏي،
اڄ التجا، اي ڏئي! ڪجهه نه ڏي، ايمان ڏي!

دانا جي دانش ۽ فلسفي تختا ڪيا،
جو ٻار آڪاري آهو ناخدا نادان ڏي!

مرّيخ ۽ چنڊ جون منزلون، الحمد: پر
انسان کي خودشناسيءَ جو عرفان ڏي!

تقويٰ منجهان ٿو ملي، رُستڪاريءَ جو ثمر،
بي فيض جي ذهن کي، تون اهو ايقان ڏي!

کهڙي لئي فسق ۽ ريب جي ڪائي خوشي،
اُن جي عوض صدق ۽ خير جو ارمان ڏي!

هڪ جي خطا ۾ نہ ڏي، تون سزا مڙني ۽ کي،
حق جي صدا لاءِ ڪنڪي تہ ڪو غفران ڏي!

جيڪرا جنازا ڏسي، روح تنو ڏُرڙيون پري،
ڌرتيءَ کي اي خدا، زنده دل انسان ڏي!

بيڪس "نياز" اُهو بس طالب اِن اِحسان جو،
تاريڪ جي راهہ تي، نور جو فيضان ڏي!

## مان کريان ڪان مشرڪ ٿيان

آءُ دل ڪولي رُئڻ تو چاهيان،
هاءِ مون کي ايتري جرئت هجي!

اي زمانا، اي ستمگر آسمان،
مان تہ ڪنهن بہ حال ۾ خوش ناهيان،
تہ بہ وڏي واڪي کلڻ تو چاهيان،
هاءِ مون کي ايتري جرئت هجي!

شال سوچيان شال سمجهي بہ سگهان،
آءُ پنهنجي سر تماشو آهيان،
بہ جو رونشو ڪئن ڏسڻ ٿو چاهيان،
هاءِ مون کي ايتري جرئت هجي!

ناهيان پورو تہ آڌ پورو سهي،
ناهہ جو ايڏا تو وينو ناهيان،
پاڻ کان بس هي بچڻ تو چاهيان،
هاءِ مون کي ايتري جرئت هجي!

زندگي ونءي شام وانگي سالت تي،
صبح جي گهولا ۾، پَر تو ساهيان،
موت کي اک ۾ رکڻ ٿو چاهيان،
هاءِ مون کي ايتري جرئت هجي!

قتل ئي تون ٿي ڪرين، مُنصف بہ تون،
پنهنجي ويڌن ڪيئن تو در ڌانهيان،
ڪنهن اڳيان هي سچ چوڻ ٿو چاهيان،
هاءِ مون کي ايتري جرئت هجي!

تون نہ مومل ءِ نڪي مان مينڌرو،
ڪاڪ تي ڪهڙي ٻهاني ڪاهيان،
سوز اهو تڏو مان سلڻ ٿو چاهيان،
هاءِ مون کي ايتري جرئت هجي!

ڪو سچي جڳ جا پيو سونا ڪٽي،
مان تہ پنهنجيءَ ۾ ٿي پورو آهيان،
مان بہ اهڙو ليءُ ٿيڻ ٿو چاهيان،
هاءِ مون کي ايتري جرئت هجي!

ماڪ ۾ ورهنل ڪنول جهڙا پرين،
آءُ ٿورا ڪيئن تنهنجا لاهيان،
اِن مَرمَ ۾ ٿي مرڻ ٿو چاهيان،
هاءِ مون کي ايتري جرئت هجي!

پاڻ کي سمجهي سگهڻ جي ستہ آتر،
آنت لهڻو آهہ آخر چاهيان،
آزمائش ۾ پوڻ ٿو چاهيان،
هاءِ مون کي ايتري جرئت هجي!

ذهن تي جي بار ٿا لڳنر، آهي،
سپ هوائي محل هڪدم ڍاهيان،
فيصلو اهڙو ڪرڻ ٿو چاهيان،
هاءِ مون کي ايتري جرئت هجي!

## نواز علي شوق

### گيت

هردم تنهنجي تات تنوار او سائين...
هردم تنهنجي تات تنوار...!

تون تہ ساجھو سھڻو آھين، ماڪيءَ کان وڌ مٺڙو آھين،
دوليا، محب، مٺيا منٺار...

هردم لب تي نالو تنهنجو، آهي اهوئي ورد وظيفو،
سڪ سان تنهنجي سار سنڀار...

روز الست جي توکي سڃاتم، سچ پريت جو پختو پاتم،
آهي ازل کان توسان پيار...

تنهنجي در جي گولي آهيان، تنهنجي آهيان، تنهنجي آهيان،
ڌاري جائي تون نہ ڌڪار...

## رحيم بخش "قمر"

●

ڪونجون سلام چئجو! ڪونجون سلام چئجو!
منهنجا وري وري آت، جهانگين کي جام چئجو!
ڪونجون سلام چئجو!

سانيڻ ۾ رکي سلامت، ساٿين جي سام چئجو!
ڪونجون سلام چئجو!

ظاهر ڪجو حقيقت، مخفي نہ مام چئجو!
ڪونجون سلام چئجو!

پيرو ڪري پنهنجن تي، احوال عام چئجو!
ڪونجون سلام چئجو!

لاکو "قمر" اوهان جو، گولو غلام چئجو!
ڪونجون سلام چئجو!

## خاڪي جويو

●

سوچ لئين لوچ جي چت چاڙهي ڇڏي، ڪٽ پنهنجي قلوبن جي ڪاڙهي ڇڏي.
پنڌ پنهنجو پهاڙن منجهان ٿو وڃي، اڄ ارادا ڏسي، هوڏ هاڙهي ڇڏي.
سوچ ذهنن منجهان سامراجي ڪڍي، نئين لڪوري ٿي پاڻ پاڙهي ڇڏي!
سچ جي سوڀ جي سگهه سر جي جڏهن، ڏاٽ هر ڏاڍ جي پاڻ ڏاڙهي ڇڏي!
چار ماريءَ مڪر جا پڪيڙيا ڪئين، جُوءِ پنهنجي مڪر ڪين ڦاڙهي ڇڏي.

## تاج جويو

●

ڪنهيا پرهه پلئو،
راتِ وهايا جئو:
ڏسي سهائي سونهن جي!

چاليا هير-هڳاءُ پر، من ٿي مستيءَ مئو:
ڏسي سهائي سونهن جي!

متئَ متيءَ تي سونَ جان، سورج هاريا سئو:
ڏسي سهائي سونهن جي!

ماڻهوءَ-مٺيا ماڻهو، ڏورِ دُنيا جا ڏوَ:
ڏسي سهائي سونهن جي!

## وفا ناٿن شاهي

●

حدِ ڪمال آهين،
شايد زوال آهين.
سان ٿي مثال آهيان، تون بي‌مثال آهين.
هر وقت، وات قاتل، دستِ سوال آهين.
دنيا سڄي هٿي ٿي، مون ڪان محال آهين.
ديرا ڪجي ويا ٿي، هالي پلال آهين.
هر دم جفا، وفا سان، مُنجهيل خيال آهين.

## مير-محمد پيرزادو

### گيت

منڊ الھيءَ ۾ مونجھا ٿي ويا،
من جا مينگھه-ملھارَ،
الو ميان،
ساھه اوھان جي سارَ!

من-منڊر ۾ سانجھي ڇانئي،
ياد توھان جي جھڙ جيئن آئي،
يا ڪٿي ڪنھن نيريءَ ڊنڍ ۾ ماريءَ ڏور مچائي،
جنھن ڪانيره ٿي من کي کھائي،
ڪاني ڪونج اڏارَ!
الو ميان،
ساھه اوھان جي سارا

دل تہ چوي ٿي جھومان ڳايان،
توريءَ پنھنجو ڀاڻ ۾ ٿاھيان.
منھن تي مينھ ڏيءَ ڏار نوائي، تنھنجي آس لڳايان.
برڪا رُتِ ۽ ھيءَ جھڙُ ڦڙُ،
پيءَ پسڻ جا پار!
الو ميان،
ساھه اوھان جي سارا

وڻ ٽڻ وھنجي سھنجي جھومن،
منھنجون آسون اڏسا لوچن،
اھڙي مينگھه-ملھارَ ۾ منڙا، تنھنجي ملڻ لئہ پيون ٿيون سوچن.
جڏھن آئي جا گيت ٿا ڳائن،
پيلھون ٿامي ڀارَ!
الو ميان،
ساھه اوھان جي سارا

## نصير مرزا

●

جنهن موڙ تان
وچڙي وڃي هئين،
آنهيءَ موڙ وٽ
تنها اڃان بيٺو آهيان

هاڻ اکين،
سپنن جي
ارٿي آ ڇا
جلي پئي

تون آوچو آڪاس هئين،
ڪاغذ جي
ڏاڪڻ تان چڙهي
توکي مون
پاڻ ۽ ڇهڻ ٿي چاهيو

ڪيڏو نه آءٌ پاگل هئس
مٽي ڪان پوءِ
مون کي جنهن
قبرستان ۾
ٻوريو ويندو
ٻڪ اٿر
کي پنگ
گذرڻ کان پوءِ
اُنهيءَ جاءِ تي
ڏني ٽرنڪٽر
کو رستو
جوڙيو ويندو
۽ سندم قبر جي
سيراندي‌ءَ
ڪتبي بدران
ميل جو پٿر
بيٺل هوندو
(ڪنهن تنها مسافر واٽ‌ڪي

۱-۱۹۸۱ع ۱

## واجد

### ٻه نظم

(۱)
ڇا، اهو ٺيڪ آهي؟
ته ڏُڏيُون ٻَون ٽئين
ٽَٽل دليون ڳنڍجي
ٿي ٻَون هڪ
۽
ڇٽل تير به
ڪمانن ۾ واپس موٽن
(جي انهيءَ جو جواب آهي ’هائو‘)
ته پوءِ آءُ!
پاڻ به مُنافقيءَ جي مٽين مَيرُ
ڇهرن تي چاڙهي
اندر ۾
باهه جيان ٻرڪي
ٻاهران
مُرڪي مُرڪي
هڪ ٻئي کي ٻڌايون آلو!
(۲)
دل ۾ دشمن کي ويهاري
ته دوستيءَ جي وجهو ڏوڙ
منهنجي نيڻن ۾
اوهان جي لاءِ
مون وٽ هاڻي
ڪجهه به ته ناهي،
جو اوهان کي ارپيان.
آءٌ سڀ کان وڏي منافق
يعني،
پنهنجو پاڻ کي ماري
پڇي لڪتو آهيان
هاڻي جڙتو سنيهه جون
سيٽيون نه هڻوا
نه سڏيو پاڻ ڏانهن مون کي
مان پنهنجو پاڻ کان به ڏور
پڇي لڪتو آهيان.

## ج.ع. منگهاڻي

### ٻه غزل

پريل جڳ ۾ هڪ جيئڙو،
طوفانن ۾ ڇڻ ڏيئڙو.

تو تہ ڇيو آ ايندس ڪونہ،  ٻوه ڇو آهي اوسيئڙو.
سوچ اندر ۾ چار ڀڪيڙي،  ڇڻ تہ ٿيس مان ڪوريئڙو.
ڻاهہ ڏيئي آ موتيو مهڪيو،  پاتو شايد تو لهيئڙو.
وڻجارا ڇو ڪيت نہ ٿيندا،  من جو ٿيو آ جوڳيئڙو.
ٻولارڻ جو باسي تي ويو،  جاءِ نہ هڪڙي هند هيئڙو.

●

ياد سنڌني جا آئي هري،
موين پيا ڇڻ چنگ چري.

جيئڻ جا ڪي ڏينگ ٿيڻ ٿا،  جيئبو ڪونهي ڏينهن گهڙي.
ٿون جنهن هنڌ بيهاري وئين،  مان تہ اتيئي ويس مري.
انگ اگهاڙا مارو مارا،  مٿان اتر جي سيءُ لري.
منهنجي گهر جو ڪوبہ نہ رستو،  مان تہ سجائي ويس ٻري.
سوچ مان ساري بت تي جڻ،  زهر ڀري ماڪوڙي سري.
اڄ وري ڪنهن نهڪر ڪئي،  اڄ وري ڪا پونگي جهري.
ڏاڍ پڙيو، ڏاڍو بہ پڙيو،  ج. ع. منگهاڻي ڪانہ پري.

## شفيع چانڊيو

### وائي

جيڏيون ڪاڻ پنهل جي وندر سڀ ووڙيار،
ڏاڍا وس ڪيار!

نڪري ڏينهن تتي جو پيرين پنڌ ڪيار،
ڏاڍا وس ڪيار!

آڏا ڏونگر لڪيون ڏوري سڀ ڏٺار،
ڏاڍا وس ڪيار!

ڏيرن کهڙو ڏوهہ ڏيان پاڻان پاڻ ڪيار!
ڏاڍا وس ڪيار!

”شفيع“ تن ۾ تات هي وارو ور ورهار،
ڏاڍا وس ڪيار!

مريم مجيدي

## وائي

اوءِ مورن جهڙا ڏول پرين،
ڪين ڪسا ڪر قول پرين.
جهرمر جوتون ڪن ۽ جهرڪن، چاهت چوڪا ٻول پرين،
ڪين ڪسا ڪر قول پرين.
سو سو سالڪ ڪري تي سانپر، ڪيڏو عشق آڏول پرين،
ڪين ڪسا ڪر قول پرين.
ٿهه ٿهه ٿهڪن وڏ وره جا، ڳاڙها لال رتول پرين،
ڪين ڪسا ڪر قول پرين.
چم چم چلڪي رينو رينو، آب اکين مان اول پرين،
ڪين ڪسا ڪر قول پرين.
دل جي ڌرتي ڏڪ ڏڪي تي، ڏاڍو مٺو مخول پرين،
ڪين ڪسا ڪر قول پرين.
نينهن نجونج سون سچو آ، سودو سڪ اڻ مول پرين،
ڪين ڪسا ڪر قول پرين.
پل پل ڀور پيارن جهڙا، هانوَ پڇن ٿا هول پرين،
ڪين ڪسا ڪر قول پرين.
ويهه ويهه واتون وات تي پل، ووڙي وات وڙول پرين،
ڪين ڪسا ڪر قول پرين،
اوءِ مورن جهڙا ڏول پرين.

مهر پروين

●

هوت نه ڪجهن هيئن، ڏاڍايون ڏکين سان!
تيئن تيئن ڪاهيان ڪست سان، جيل جاڏا جيئن.
ووڙينديس ونڪار ۾، ساهه نڪتي سيئن.
پانڌي تنهنجي پار جا، خبرون ڏيندم ڪيئن!
سچ منهنجا سپرين، تون نه لائق ائين!
پٽري تي ”پروين“ ڪان، توکي سري ڪيئن؟

## نياز پنهور

### نظم

او ڏات منهنجي سون ڏي آءُ وڌي،
ڪجهه شعر لکان، ڪجهه گيت رچيان.
ڪنهن شعر ۾ ڳالهه ڪريان ان جي،
ڪو غزل ٺهي ان جي نانءُ ڪيان.
جذبن کي سميٽيان لفظن ۾،
۽ پيار سندس کي چاڪ چوان.
جنڊ ڪاڻ لڳي ۽ وار لڏن،
ڪا مک سندس کي تشبيهه ڏيان.
تصوير رکان سامهون ان جي،
۽ لفظن ۾ ٻوءِ ڪيس چٽيان.
جنهن وقت ٻه پايان سڪ سندس،
هي غزل پڙهان يا ڪيس ڏسان.

## ذوالفقار سيال

### غزل

زخم زخم تي لهڪ وکيري، مرڪ سجائي آيا آهيون.
تنهنجي محفل ۾ او پيارا، پاڻ جلائي آيا آهيون.
پنهنجي هٿ سان، پنهنجي دل جي، مندر کي مسمار ڪري اڄ،
پنهنجا سارا سپنا ساڙي، آڳ لڳائي آيا آهيون.
لوڪ پيار تي پهرا ڏي ٿو، چوري چوري چاهت ڪئي سين،
تنهنجي صورت جو نيڻن ۾ عڪس لڪائي آيا آهيون.
راهه مان سارا تنهنجا پيرا، واءُ جو جهوٽو ڊاهي ويو آ،
تنهنجي ڳولها ۾ ٿي ساجن، ساهه سڪائي آيا آهيون.
تنهائيءَ ۾ تنهنجي لهڪن جو مون کي آواز اچي ٿو،
سانت ۾ پنهنجو اندر کولي، چاڪ چڪائي آيا آهيون.
سوچ جي سوريءَ تي هي لڙڪيل، لاش اسان جي آس جو آ،
زلف، اسان سودائي ڏسجو، پاڻ ڪپائي آيا آهيون.

## عاجز آچڻ

### ڪافي

لکو حال پائي، نـہ محـرم رهيو آ،
پچاڻان اوهان جي، رڳــو غــم رهيو آ.

سوا تو نہ ساعت، سکن جي ڏٺي مون،    رڳو درد فرقت جيي، سختي سٺيي مون،
سـوا تنهنجي مـون لاءِ مـاتـم رهيو آ.

وڃـي ڏور ڏاڍو، چڙيو تـو وساري،    سگهو موت سپرين، متان موت ماري،
اچـي يـار پويون، پرين دم رهيو آ.

سٺي يـار عاجز آچڻ جـون صدائـون،    ڪـري مهرباني، اچـو مـن اوراهون،
لهي درد دل تان، جـو هردم رهيو آ.

## احمدخان آصف مصراڻي

●

نـيـٺ تہ ملـندا، چولڊي سان،
حـال حـقـيـقـت ڪولي ڪولي.

ڏور وڏائـون ڏيـنهن ڏهاڙا،    گـذريـا آرهـڙ سـالـوڻ چـاڙا،
وڻ ٻر ويـا هـت رولـپي رولـپي.

جـيءَ آلـهـن سـان جڙيو جڙيو،    قـرب آلـهـن جـي قابو ڪڙيو،
چڻنگ وجهي ويـا چولـپي چولـپي.

ٻڙين ڪـارڻ ٻـاڻ ٻـتـوڙيـم،    واهـڻ وسيون وانـڍون ووڙيم،
ٽڪيس ڳوٺ ڳليون ڳولـپي ڳولـپي.

”آصـف“ شـال اگـڻ تـي ايندا،    ڏاڍو ڏڏُ ڏکيءَ کـي ڏهـنـدا،
ٻاجھ ڪـنـدا شـل ٻولـپي ٻولـپي.

## پيربخش پياسي

# نظم

(١)

آءٌ ڀرين تون آءٌ ڀرين،
مان ٻلبل توکي ڀيار ڪريان.
گلن ڦلن جي سيج تي وهاري،
سوَ سوَ ڀيرا سينگار ڪريان.

(٢)

ڪنول تون آهين ڪينجهر جو،
يا گل ڪڙيل ڪنهن ڪاريءَ جو.
جو پيئي آهين من جو موتي،
ڀُهي ڳلي جو هار ڪريان.

(٣)

تون مکڙي آهين موتئي جي،
مان خوشبوءِ تنهنجي ٻن ٻن جي،
تون هير هوا تي گل تي ٽڙ،
مان هنڌ هنڌ سڀ هُبڪار ڪريان.

(٤)

دل ۾ درد جو دونهن دکائي،
تن جي تنهنجي تند تپايان،
تڙپي ته آلي جان تنهنجو من،
تان ڪونئل واري ڪار ڪريان.

(٥)

تون ٽڙڪو ٽڙڪو سورج جو،
مان چنڊ جي آهيان چانڊوڪي،
آءٌ ته جگمگ روشن روشن،
سپنن جو سنسار ڪريان.

(٦)

مان پياسي پياسي ڌرتي آهيان،
تون برساتي ڇڻ آهين بادل،
وس وس جي وسڪار ڪرين،
پيو بر کي باغ بهار ڪريان.

(٧)

تون بجلي آهين بادل جي،
مان تنهنجي شعلن جو چمڪات،
تون ڪارونڀار ۾ جوت ٿي جل،
مان اونده تي يلغار ڪريان.

(٨)

پيجل وارا ٻول تون ٻول،
مان پنهنجي من کي مست ڪريان،
تون ڪاتڪي ويهي ڪنڌ کي ڪور،
مان ڌڙ سيسءَ ڪان ڌار ڪريان.

(٩)

تون مورتي آهين من مندر جي،
مان "پياسي" تنهنجو پوڄاري،
چاهيان ٿو چرنن ۾ ويهي،
پاڻ پنهنجو ٻلهار ڪريان.

## ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ

### وائي

منهنجو يارو جيون جوين، محنت هائي قرب ڪهائي،
سور ڪنيان مون جائي وائي.

منهنجي من ماندائي مچايو، دل تي انهيءَ راڄ جي رائي،
سور ڪنيان مون جائي وائي.

هي جڳ جونو، جهونو ٽيندو پريت نه ٽيندي ڪڏهن پرائي،
سور ڪنيان مون جائي وائي.

پوءِ به ڪيان ٿو پريم جي ورڪا، مون نه ڪڏهن آ محبت ماٺي،
سور ڪنيان مون جائي وائي.

دُک جي نگري دنيا ساري، شل سک ڏسي هيءَ ساهه سيائي،
سور ڪنيان مون جائي وائي.

من ڪو واءُ گهلي پڻ اهڙو، وائي ٻڌجي دور هي وائي،
سور ڪنيان مون جائي وائي.

## شاد عباسي پورڙائي

### غزل

با وفا هي آهي جيسين زندگي،
حُسن جي تيسين ڪنداسين بندگي.

سي محبت ۾ ويا مخدوم ٿي، عشق ۾ جن ڀي ڪئي آ عاجزي.
ناهي دنيا جو ۽ عُقبا جو خيال، عشق جي گهُر جي فقط آسودگي.
مون تي هُن جور و جفا پيهم ڪيا، سوز ۾ مُنهنجي ڏسي هُو سادگي.
آهي نادان يار جي ياري ڪان بَس، دانا دشمن جي به بهتر دشمني.
ڪهڙي هَٿَ جي ٿي ڪَنگڻ کي دوستو! آ ضرورت جو ڏيکاريون آرسي.
بَس خدا مون تي فقط راضي هجي، ڀَل رُسي دنيا وڃي مون ڪان رُسي.
قيصر و ڪُسريٰ ڪان ڀي آهي بُلند، "شاد" عباسي مقامِ عاشقي.

"راهي" چنا

## غزل

محفل ۾ ديد منهنجي تي دلربا ڪي گولي،
هر دل تي پنهنجي پنهنجي دارون دوا ڪي گولي.

هي خونِ دل آ حاضر ذوقِ حنا جي خاطر،
محبوب تو اجايو رنگِ حنا ڪي گولي.

ڏيئي موت کي شڪست ماڻيون حياتِ ابدي،
خون شهيد تو اج ڪرب و بلا ڪي گولي.

گردش آيام موتي وچ تون ٻهارن جي صدقي،
تقدير منهنجي تي قسمت قضا ڪي گولي.

قدرت انسان آهي مشڪ ۾ رهي تو غافل،
مشڪل ۾ نيث آدم تو مشڪل ڪشا ڪي گولي.

هي ديوانو اج وڃي تو بس هتن سان يارو،
آئيو ڪٿان ڀي هن جي دلربا ڪي گولي.

دفتر ڇڏيا سون ڪولي دلدار جي اڳيان اج،
پنهنجي جفا کي گولي ۽ منهنجي وفا ڪي گولي.

مختيار گهمرو

●

ڀلي لوڪ سارو ڏڪاري ڏڪاري،
مگر تون نه ڇڏجان وساري وساري.

چيو تو ته ايندس مگر ڪين آئين، تڪي سان به راهون نهاري نهاري.
اچين جي مٺا تون ڀلا ڀاڳ ڀايان، اڱڻ سان ڇڏيو آ ٻهاري ٻهاري.
رهڻ آهه مشڪل ته توري پيارا، جيان تو سان تنهنجي سهاري سهاري.
جڏهن کان لڳي دل مٺا محب توسان، تڏهن کان سدا دل پڪاري پڪاري.
محبت ڪيو آهه مخمور مون کي، نظر سان ڀرين تو پياري پياري.

نه "مختار" کان تو ڪڏهن محب وسرين،
ڪيئي ڪاڏگ توڏي اڏاري اڏاري.

# ڪهاڻيون

هن بي پناهہ محبت سان اسمان جي طرف ڏٺو ۽ سندس اکين ۾ شڪراني جا لڙڪ پرجي آيا. پوءِ خود بخود نگاهون پيڪل مٽن جي ٺڪرن تي وڃي ٽڪيون.

”تون عظيم آهين... منهنجي ماءُ... تو منهنجي آبرو بچائي ورتي!“ پنهنجي خون دوکو ڏنو. مگر مٽي بيجان هوندي بہ سندس مان بچائي ورتو. شيرعلي کي ائين لڳو ڄڻ تہ سڄي عمر جي محبت ۽ محنت جو صلو ڪيس مٽيءَ موٽائي ڏنو هجي! مٽي ڪنهن جو بہ قرض ڪانہ رکي. ايستائين جو انساني جسمن کي بہ قيامت جي ڏينهن موٽائي ڏيندي. هوءَ وڏي امانتدار ۽ بيحد عظيم آهي. شيرعلي جي اکين مان موتي وهڻ لڳا. هن ڏڪندڙ هٿن سان ٺهران کي سنڀاليو ۽ اندر هليو ويو.



”جيڪڏهن اسان وٽ پنهنجي دؤر جو نئون زنده ادب نہ هوندو،
تہ پوءِ اسين پنهنجي ماضيءَ جي ادب کان بہ ڇڄي وينداسين:
جيستائين اسين ادب جي ارتقا جو هيءُ سلسلو قائم نہ رکنداسين،
تيستائين اسان جو ماضيءَ جو ادب بہ اسان لاءِ اجنبي ٿي ويندو-
جيئن ڪنهن بيءَ ڌاريءَ قوم جو ادب، ڇوتہ اسان جي زبان
بدلجندي رهي ٿي، ۽ اسان جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ جو نمونو، اسان جي
ماحول ۾ بدلجندڙ مادي حالتن جي اثر جي ڪري، هر وقت ۽
هر طرح بدلجندو رهي ٿو: ۽ ان حالت ۾ جيڪڏهن اسان وٽ
ڪي اهڙا ماڻهو نہ آهن، جيڪي پنهنجي غيرمعمولي احساس ۽
شعور ڪي لفظن تي غيرمعمولي قدرت رکندي، ظاهر ڪرڻ ۽
پختگي بخشڻ جي صلاحيت رکندڙ هجن، تہ ان صورت ۾ نہ فقط
اسان جي پنهنجي اظهار جي صلاحيت، بلڪ سواءِ ڪنهن معمولي
محسوسات جي، بيءَ ڪنهن شيءِ جي محسوس ڪرڻ جي طاقت
بہ نستي ۽ نابود ٿي ويندي.“

- ٽي. ايس. ايليٽ

# مضمون

هڪ عام سوال، جو اسان سڀني کي ستائي ٿو سو هي آهي تہ: تعليم جو مقصد ڇا آهي؟ ظاهر آهي تہ تعليم بذات خود 'مقصد' ناهي. مگر 'مقصد' تائين پهچڻ جو هڪ ذريعو آهي. اهو 'مقصد' ڪهڙو آهي؟ جواب آهي تہ جيڪو بہ ڪا قوم يا سماج پنهنجي لاءِ اختيار ڪري. اهي قومون جيڪي ترقيءَ جي اوج تي پهتيون آهن تن جو 'اجتماعي مقصد' ئي سندن ہر ڪوشش ۽ ڪاوش جو عين مقصد رهيو آهي: ان لحاظ سان سندن 'تعليمي مقصد' سندن 'اجتماعي مقصد' جو ئي هڪ اهم جز رهيو آهي. البت حڪمران قومن جا 'اجتماعي مقصد' ٻيا آهن، تہ محڪوم قومن لاءِ هنن 'تعليمي مقصد' ٻيا رکيا آهن. ظاهري طور آزاد پر پوئتي پيل قومن ۾، جتي 'حاڪم' ۽ 'محڪوم' جو تخيل غالب آهي، اتي 'قومي يا اجتماعي مقصد' محض نالي ماتر آهي: اتي حڪمران طبقي يا گروهہ جو 'مقصد' پنهنجو، تہ ملڪ ۾ رائج تعليم جو مقصد ٻيو. هڪ بيدار قوم ۽ سماج ۾ 'تعليمي' ۽ 'اجتماعي' مقصد ۾ تضاد ڪونهي: اهي ٻئي هڪٻئي جا حامي آهن.

اسان جي ملڪ ۾ انگريزن کان اڳ واري آزاديءَ جي دؤر، ۽ انگريزن جي قبضي کان پوءِ غلامي واري دؤر ۾، "تعليمي مقصدن" جي نوعيت نرالي رهي آهي. وضاحت خاطر هن سلسلي ۾ تاريخي پس منظر کي بيان ڪرڻ بيجا نہ ٿيندو.

ستين صديءَ ۾ عالمگير اسلامي انقلاب آيو، جنهن توحيد جي نظريي هيٺ "خالق جي وحدت ۽ برتري ۽ مخلوق جي برادري ۽ برابري" کي 'نظريہ حيات' طور پيش ڪيو، ۽ انهيءَ نظريي جي توسيع خاطر حق ۽ حقيقت جي تلاش کي لازمي ٺهرايو ويو. نئين اسلامي سماج جو 'اجتماعي مقصد' اهو ئي رهيو ۽ 'تعليمي مقصد' پڻ ساڳيو ئي رهيو. علم (comprehension)، نظر (observation)، بصر (insight)، فقه (understanding)، عقل (reason) ۽ عمل (action) کي تحقيق ۽ تلاش جا موثر ذريعا قرار ڏنو ويو: جانچڻ ۽ ويچارڻ سان گڏ هٿن جي استعمال کي لازم ملزوم ٺهرائي هٿ ۽ اکيون استعمال ڪندڙ محققن کي "اولي الايدي والابصار" جو امتيازي درجو ڏنو ويو: 'ڪتاب' جي مطالعي سان گڏ ان جي 'حڪمت' يا 'حقيقي مقصد' سمجهڻ ۽ سمجهائڻ کي اعليٰ تعليمي معيار ڪري مڃيو ويو: وجود انسان ۽ وجود ڪائنات ٻنهي کي 'فطرت جي آيات' جو سرچشمو قرار ڏيئي ٻنهي جي مطالعي جي ترغيب ڏني وئي: علم کي محض علم خاطر نہ، پر ان کي 'صلاحيت بخش عمل' ذريعي انسانذات جي ذهني روشني، اخلاقي بلندي، ۽ مادي ڀلائي ۽ بهبوديءَ خاطر پرائڻ ۽ پڙهائڻ جي ترغيب ڏني وئي. انهي انقلابي تعليمي نظريي ۽ ان بابت تاڪيدن ۽ ترغيبن سببان، اوائلي اسلامي سماج ۾ باشعور عالم ۽ محقق پيدا ٿيا، جن پنهنجي تحقيق سان علوم انساني (Social Sciences) ۽ 'علوم آفاقي' (Natural & Biological Sciences) سان ڪيترن ئي علمن جو بنياد وڌو: جانچڻ، ويچارڻ ۽ هٿن کي استعمال ڪرڻ واري ترغيب

مطابق هنن هڪ طرف نظام تعليم ۾ علمي تجربن ۽ تجربي گاهن (Laboratories) جي نئين روايت قائم ڪئي، ته ٻئي طرف مختلف قسمن جي هنرن ۽ دستڪارين کي اوج تي پهچايو ۽ پاڻ کي 'موچي' (سراز)، 'تنبو جوڙيندڙ' (خيام) يا ڏيريون ڪتيندڙ (غزالي) سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪيو.

هن نئين نظام تعليم ۽ ان جي مقصدن جي حفاظت خاطر ان کي حڪومت ۽ حڪمرانن جي مداخلت ۽ تسلط کان آجو ڪري جماعتي رضامندي ۽ پڙهائيندڙ استادن جي اڳواڻي سان وابسته ڪيو ويو. حڪمران طبقي کان خرچ گهرڻ بدران تعليم جي اخراجات کي في سبيل الله، خيرات ۽ صدقات سان پورو ڪيو ويو. انهيءَ لاءِ ته متان حق ۽ حقيقت جي تلاش ۽ انساني ڀلائي خاطر معاشري ۾ انصاف قائم ڪرڻ ۾ ڪا رنڊڪ پوي.

انهن صدي ۾ سنڌ اندر پڻ اسلامي انقلاب آيو ۽ ان سان گڏ اسلامي نظام تعليم جو بنياد پيو. اسلامي معاشري وارو "اجتماعي مقصد" ئي "تعليم جو مکيه مقصد" بڻيو. پڙهڻ ۽ پڙهائڻ کي انساني خدمت ڪري سمجهو ويو. مڪتبن جي وسيع نظام ذريعي ابتدائي تعليم عام ٿي: مدرسن ۽ جامعن وڏا عالم ۽ محقق پيدا ڪيا جي سنڌ کان ٻاهر پڻ مشهور ٿيا. سورهين صدي ۾ سنڌ اندر تعليم جو نظام ايترو ته وسيع هو ۽ ايترا ته گهڻا استاد تعليم ڏيڻ ۾ مشغول هئا، جو استادن کي پيشه ورانه سکيا ڏيڻ جي ضرورت محسوس ٿي، جنهن کي پوري ڪرڻ لاءِ بوبڪن (ضلعيٰ دادو) جي درسگاهه جي سربراهه ۽ فن تعليم ۾ پنهنجي وقت جي مشهور ماهر مخدوم محمد جعفر بوبڪائي سنه ١٥٥٠ع ڌاري هڪ خاص ڪتاب "نهج التعليم" يعني "تعليمي طريقو" (Method of Education) لکيو. برصغير ۾ اهو پهريون ڪتاب هو جو تعليمي طريقي تي لکيو ويو، جنهن مان سورهين صدي ۾ سنڌ ۾ تعليمي معيار جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

ان وقت اعليٰ تعليمي نصاب محدود ۽ يڪطرفو نه هو، پر جامع هو ۽ ان ۾ شرعي علمن سان گڏوگڏ، رياضي ۽ طبعي علوم شامل هئا. مخدوم جعفر "طبعيات ۽ فلسفي" جي دفعي هيٺ عملي علمن (Practical) ۾ "تدبير مدن" (Political Science)، "تدبير منزل" (Economics) ۽ "علم الاخلاق" (Ethics) کي شامل ڪيو آهي ۽ نظري علمن (Theoretical) جي دفعي هيٺ (الف) علم طبعي (Physics) يعني 'مادو' ۽ ان جي تغيري حالتن جو مطالعو (Matter and its changing condition) ۽ (ب) رياضي علمن (Computational Sciences) کي آندو آهي. 'رياضي' ۾ هيٺين علمن کي شامل ڪيو اٿس: جاميٽري، ايسٽرانامي، ميٿيميٽڪ، (الجبرا سميت)، موسيقي، علم مناظر (Spectroscopy)، علم جر اثقال (Mechanics)، متحرڪ ڪُرا (Moving Spheres)، هيئت (Engineering) ۽ آلات (Technology). هيءَ سورهين صدي سنڌ جي هڪ تعليمي ماهر جو اعليٰ نصابي تخيل هو.

علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي

# مسلمانن جا علمي ۽ تهذيبي ڪارناما

## (فقه ۽ تفسير)

اسلام ئي هڪ اهو دين آهي، جنهن جي الهامي ڪتاب قرآن مقدس جو انسانيت کي پهريون پيغام "اِقْرَاْ" (پڙهه) جو آهي. نبي اڪرم صلي الله عليه و آله و صحبه وسلم پنهنجي صحابين سڳورن ۽ اهل بيت کي قرآن مقدس جي تعليم ڏني ۽ حضور جي زندگيءَ ۾ ئي ڪيترا قرآن حڪيم جا حافظ بنجي ويا. پهرين صديءَ ۾ اهو پيغام برصغير ۾ سڀ کان پهريون سنڌ ۾ پهتو ۽ دنيا جو پهريون "مولانا" ديني لقب هتي جي هڪ نئين مسلم کي مليو، جيڪو تاريخ ۾ مولانا اسلامي ديبليءَ جي نالي سان مشهور آهي. ان وقت حديث شريف جي اڃان تدوين نہ ٿي هئي. ان لحاظ سان مولانا اسلامي ديني ڪتابن مان رڳو قرآن مقدس جو ڄاڻو هو.

نبي اڪرم صہ جي تعليم سان هونءَ تہ سندن سڀئي ساٿي ۽ صحابہ قرآن مقدس جا ڄاڻو ۽ عالم هئا، پر انهن مان مُفسرين صحابہ خاص طرح هنن صحابين سڳورن کي ڳڻيو ويندو آهي. خلافت راشده جا مسندنشين چار وڏا اصحاب، حضرت عبدالله بن مسعود، حضرت عبدالله بن عباس، حضرت ابي بن ڪعب، حضرت زيد بن ثابت، حضرت ابو موسيٰ اشعري، حضرت عبدالله بن زبير، حضرت انس بن مالڪ، حضرت ابو هريرہؓ، حضرت جابر، حضرت عبدالله بن عمرو بن العاص رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين.

جڏهن تہ ٽي خلفاء سڳورا اڳ وفات ڪري ويا انهن کان تفسيري روايتون گهٽ آيون آهن، ۽ سيدنا علي رضہ کان روايتون گهڻيون آهن. هن جي حضرت عبدالله بن مسعود بہ شاهدي ڏني آهي. حضرت عبدالله بن مسعود رضہ جڏهن تہ پاڻ کي قرآن پاڪ جي تعليم لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو، ان ڪري ان کان تمام گهڻيون تفسيري روايتون آيون آهن. هن جي وفات مديني منوره ۾ سنہ ٣٢هہ ۾ ٿي. حضرت ابن عباس جي وفات طائف ۾ سنہ ٦٨هہ ۾ ٿي. ان کي ترجمان القرآن ۽ رئيس المفسرين جي القاب سان ياد ڪيو ويندو آهي. قرآن مقدس کي ڄاڻڻ لاءِ حضور عليه الصلواة و السلام بہ ان لاءِ دعا فرمائي هئي. ان کان بيشمار تفسيري روايتون آيون آهن، جن مان سڀ کان معتبر علي بن ابي طلحة هاشمي وفات سنہ ١٤٣هہ جي طريق آهي. امام بخاري پنهنجي صحيح بخاريءَ ۾ ان تي ئي اعتماد ڪيو آهي. ڪلبيءَ جي

۽ ان جي فقهہ حنفيءَ کي آهي. قاضي ابو يوسف ۽ امام محمد شيباني ان جا شاگرد هئا. امام محمد فقهہ جي تدوين تي زور ڏنو. ظاهرالروايتہ جا ڪتاب مبسوط، جامع صغير، جامع ڪبير ۽ زيادت جهڙا ڪتاب وجود ۾ آيا ۽ اهي هن فن ۾ ابتدائي ڪتاب آهن. امام ابو حفص ڪبير بخاري امام محمد جو شاگرد هو، جنهن هن علم فقهہ کي ماوراءالنهر، بخارا، سمرقند ۽ تاشقند ۾ پهچايو. ان جي تعليم ايترو تہ ڦهلجي وئي جو اهو ملڪ فقهہ حنفي جو مرڪز ليکجڻ ۾ آيو. شيخ‌الاسلام بزدوي، شمس‌الائمة سرخسي ۽ علي مرغيناني جهڙا فقهہ جا امام پيدا ٿيا. شمس‌الائمة سرخسيءَ جو مبسوط فقهہ ۾ هڪ چوليون هنڌڙ سمند آهي، جنهن مان هر فقيهہ استفادو ڪيو آهي. هن دؤر جي وڏي محقق اُستاد ابو زهره لکيو آهي تہ شمس‌الائمة سرخسيءَ جو اُستاد سنڌ جو هڪ فقيهہ علي بن حسن هو. هن مان هني جي فقهہ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. علي مرغيناني هدايہ ڪتاب جو مؤلف آهي، جيڪو ساري عالم اسلام ۾ پڙهايو وڃي ٿو. سنڌ ۾ فقهہ تي پهريون ڪتاب المتانة في مرمة الخزانة آهي، جيڪو مخدوم محمد جعفر بوبڪائي جي تاليف آهي. هن تي ١١٨ صفحن جو عربيءَ ۾ مقدمو ۽ حواشي لکي سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپايو ويو آهي.

هن فن ۾ ٻيو ڪتاب لباب المناسڪ آهي. شيخ رحمت‌الله سنڌي ساهتي سنڌ جو وڏو عالم ٿي گذريو آهي، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هو دنيا جي وڏي فقيهہ ابن الهُمام صاحب فتح‌القدير جو شاگرد آهي. لباب المناسڪ ان لکيو آهي، جو حج جي مسئلن تي مشتمل آهي. ملا علي قاري مڪي ان جي شرح لکي آهي جا مصر ۾ ڇپي آهي.

فتاويٰ پوراني تاليف سيد عبدالوهاب پوراني سنڌي ـ اهو ڪتاب فقهي فتوائن جو وڏو ذخيرو آهي. قرةالانظار شرح تنويرالابصار علامہ ابوالطيب سنڌي ٺٽويءَ جي نادر تاليف آهي. هيءَ علامہ حصڪفي جي ڪتاب الدرالمختار کان وڌيڪ معتبر آهي، جنهن ۾ صحيح احاديث ۽ روايتن کي آندو ويو آهي. هن جو مصنف جي هٿ جو لکيل نسخو مدينہ منوره جي حرم جي لائبرريءَ ۾ موجود آهي. علامہ ابوالطيب، علامہ ابوالحسن سنڌي ڪبير جو همعصر هو. بياض هاشمي فقهہ حنفيءَ لاءِ انسائيڪلوپيڊيا جي حيثيت رکي ٿو ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي تاليف آهي. شاهہ ولي‌الله اڪيڊميءَ طرفان هن جي اشاعت جو انتظام ڪيو ويو آهي. ٻارهين صديءَ ۾ سنڌ اندر مخدوم محمد عابد انصاري سنڌي وڏو فقيهہ ٿي گذريو آهي، جنهن درمختار جي شرح طوالع الانوار نالي ٢٨ ضخيم جلدن ۾ لکي هئي. هن کان وڌيڪ ڪوبہ فقهہ جو ڪتاب جامع ٿي نٿو سگهي. هن جو نسخو بقول سيد سليمان ندوي جرمنيءَ جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي. مدينہ منوره ۾ بہ متفرق صورت ۾ مولانا مظهر جي اولاد وٽ موجود آهي. لواري شريف ۾ بہ هن جو نسخو هو، جو اڌيهيءَ جو نذر ٿي ويو.

محمد حسين پنهور

# قديم سنڌ جا يوناني ۽ رومي تذڪره نگار

## (٥٥٠ ق.م — ١٦٠ع)

هن مضمون جو محرڪ نامور برطانوي ليکڪ مسٽر ايچ. ٽي. لئمبرڪ جو ڪتاب "Sind-before Muslim Conquest" (سنڌ-عربن جي فتح کان اڳ) آهي، جيڪو سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو آهي. ان ڪتاب جي مطالع کان پوءِ مون کي ڪافي مايوسي ٿي، جو ان ۾ لئمبرڪ جي ٻين ڪتابن "چارلس نيپئر اينڊ سنڌ"، "جان جيڪب آف جيڪب آباد"، "سنڌ بئٽلس"، "سنڌ-آ جنرل انٽروڊڪشن" ۽ "دي ٽيررسٽ" وانگر تحقيقي ۽ علمي مقام مون کي گهٽ نظر آيو. لئمبرڪ جي مذڪوره ڪتابن جي علمي دنيا ۾ وڏي حيثيت آهي، انڪري منهنجيءَ دل ۾ صاحب موصوف لاءِ نهايت عزت آهي.

"سنڌ-عربن جي فتح کان اڳ" ڪتاب جي مطالع کان پوءِ اهو پهلو بهرحال مون لاءِ ڪجهه خوشيءَ جو سبب رهيو، جو ان موضوع تي لائق مصنف، اڃا به وڌيڪ تحقيقي ڪم ڪرڻ لاءِ تجسس ۽ توجهه ڏياريو آهي ۽ اسان پارن تاريخ سان دلچسپي رکندڙن لاءِ ان ڏس ۾ ڪجهه علمي ڪم ڪرڻ لاءِ موقعو فراهم ڪيو آهي.

سنڌو تهذيب کان پوءِ هيت آريا آيا. انهن کان پوءِ اخمينين، سڪندر، موريا، بلخ جا يوناني، ساڪا يا سٿين، پارٿين ۽ ساساني آيا، جن کان پوءِ راءِ ۽ برهمڻ گهرائن هيت حڪومت ڪئي. مسٽر لئمبرڪ مذڪور قومن جي آمد ۽ حڪومتن ڪرڻ بابت پنهنجي ڪتاب ۾ جيڪي معلومات ڏنا آهن، سي اجمالي آهن ۽ سندس ماخذات به محدود ۽ مختصر آهن. تشنگيءَ جي انهيءَ احساس مون کي شوق ڏياريو ته مذڪور دورن بابت تفصيلي معلومات هٿ ڪجن، جيڪي منهنجي اندازي مطابق سوَن ڪتابن ۾ موجود آهن. دلچسپيءَ جي عالم ۾ ١٩٧٣ع کان ڪم ڪرڻ شروع ڪيم. پورا اٺ سال مواد گڏ ڪندو رهيس، مطالع ڪندو رهيس، حوالا ۽ معلومات حاصل ڪندو رهيس. انهيءَ عرصي ۾ موضوع جي مناسبت سان انگريزيءَ ۾ ڪجهه مضمون به لکيم، جي شايع ٿي چڪا آهن.

1. Cronology of Sind from fall of Mohen jo Daro to the Arab Conquest of Sind. ("Sind Quarterly", Vol: II, No: 1, 1976, Karachi.)

کان بعد سندس حڪم سان پشاور (Kaspapyrus) کان سندو نديءَ جي رستي عربي سمنڊ جي ڪناري تي پهچڻ لاءِ، مڪران جو ڪنارو وٺي، بحرين جي سامهون ايراني نار پار ڪري، عربستاني آپيٽ (Peninsula) جو ڪنارو وٺي، ڳاڙهو سمنڊ پار ڪري مصر پهتو. نيل ندي تائين سڌو پهچڻ لاءِ دارا، مصر جي فرعون بادشاهه نيڪو دوم (Necho- II) جو نهرايل واهه، جنهن نيل درياهه کي ڳاڙهي سمنڊ سان ملايو ٿي ۽ لٽجي ويو هو، وري درست ڪرايو. اهو سفر شايد سنه ۵۱۴ ق-م ڌاري شروع ٿيو ۽ اڍائي سالن بعد ختم ٿيو. هو ايراني نه هو پر يوناني هو ۽ پهريون يورپي هو، جنهن اهڙو سفر ڪيو هجي. سفر جو مقصد هو ته دارا جي شهنشاهيت جي بن دور دراز حصن يعني سنڌ ۽ مصر کي پاڻ ۾ ملائڻ. دارا ڪئين خشڪي رستا پڻ قائم ڪيا هئا.

اسڪائلڪس جو ڪتاب يا جرنل يا لاگ بوڪ يا پيريپلس (Periplus or Circumnavigation) گم ٿي ويو آهي. سندس متعلق اسان کي هيروڊوٽس (Herodotus) جي چوٿين ڪتاب مان معلومات ٿئي ٿي، جا ناڪافي آهي. سڪندراعظم ۽ سندس ساٿي نيرڪس کي اسڪائلڪس بابت ڪا معلومات ڪانه هئي. سندس حياتيءَ جي باري ۾ به اسان کي خاص معلومات ڪانهي. سندس ڪتاب پيريپلس (Periplus)، جو هيروڊوٽس استعمال ڪيو، شايد سندس موت بعد چوٿين صدي ق-م ۾ لکيو ويو هجي.

## (۳) ڪٽيسياز

ڪٽيسياز (Ctesias) يوناني ڊاڪٽر ۽ مصنف هو، جو عيسوي سن کان تقريباً پنج صديون اڳ زنده هو. ايران جي شهنشاهه ارٽازرزس (Artaxerxes) جو سرڪاري طور طبيب هو.

هن ٽيويهن جلدن ۾ ايران جي تواريخ لکي، جنهن مان هڪ جلد گڏيل هندستان جي جاگرافي متعلق هو. ڊيوڊورس ۽ پلوٽارچ جن سڪندراعظم جي تاريخ لکي، ان جي ڪتاب مان معلومات ورتي آهي.

ڪتاب گهڻي ڀاڱي گم ٿي چڪو آهي ۽ باقي بچيل جُزا گلمور (J. Gilmore) ۱۸۸۸ع ۾ ڇپرايا آهن. گڏيل هندوستان متعلق جي صفحا آهن، انهن جو ترجمو، تبصره سان گڏ مئڪرنڊل "Indian Anti quary" (انڊين انٽي ڪئري) ۾ ۱۸۸۲ع ۾ بمبئيءَ مان ڇپرايو. مضمون جو نالو آهي "Ancieut India as described by ktesia" ۽ ساڳي سال ڪلڪتي مان ڪتاب جي صورت ۾ شايع ٿيو.

ڪتاب ۾ سندو ندي، جنگ ۽ صلح جي وقت ۾ هاٿين جي استعمال، باندرن، ڪتن ۽ شينهن جي لڙاين، هندستان جي انصاف، سج ۽ چنڊ جي پوڄا، ماڻهن جي ڪاري رنگ، چاندي جي کاڻين، رڍن، ٻڪرين، جانورن، مڻائي وغيره جو بيان ڪيل آهي، جنهن مان ڪافي معلومات ملي ٿي.




DRAWN UNDER GUIDANCE OF M.H. PANHWAR.

دارا اعظم (٥١٩ ق.م) جي شهنشاهيت ۾ سندس حڪم سان اسڪائلڪس جو پشاور کان ڳاڙهي ...




دنيا ۾ سڀ کان آڳاٽي تيار ڪيل عالمي نقشي (هيروڊوٽس- ۴۵۰ ق م) ۾ سنڌ ۽ سنڌو درياهہ جي نشاندهي.
ساڄي پاسي هيٺ، ڪُنڊ تي ٽِٻڪن وارو حصو سنڌ آهي.

پر ڪتاب ۾ هندستان بابت ڪيترا وڏاءُ پڻ آهن، مثلاً لکي ٿو تہ ماڻهن جي حياتي ١٢٠ کان ٢٠٠ سال تائين آهي. ٢٠ فوٽ ڊگها نانگ آهن، جن جي پڇ مان زهريلي خوشبوء نڪري ٿي. انسانن جو مٿو ڪتي جي مٿي جهڙو آهي ۽ گهوڙي کان وڏا جهنگلي گڏهہ آهن، وغيره.

ڪٽيسياز جي ڪتاب مان ايرين، استرابو، پلني ۽ ٻين ڪيترن مصنفن حوالا ورتا آهن ۽ انهن جي ذريعي مئڪرنڊل ۽ گلمور ڪتاب جا جزا گڏ ڪيا، جي تقريباً هزار صفحن تي مشتمل آهن.

## (٤) هيرو ڊوٽس

هيرو ڊوٽس (Herodotus) جي پيءُ جو نالو لائڪسز (Lyxes) هو. ايشا مائنر جي شهر هئليڪار ناسز (Halicarnasus) ۾ سنہ ٤٨٩ ق-م ۾ پيدا ٿيو ۽ سنہ ٤٢٠ ق-م ۾ وفات ڪيائين. ان وقت جي سياسي بدامني ڪري ٻهريائين سئموس (Samos) ۽ پوءِ اٿينس ۾ وڃي رهيو، جتي پنهنجي مشهور زمانہ تاريخي تحقيق جو ڪم شروع ڪيائين.

تاريخي مواد حاصل ڪرڻ لاءِ هن ڪيترا سير ۽ سفر ڪيا، جيڪي ڪيس واپار سانگي ميسر ٿيا، جن مان مصر، ڪاري سمنڊ وارا علائقا، سٿيا، بابل، نهر دجله، سائيرين (لبيا جي ڪناري تي)، آتر آفريڪا، ايشا مائنر ۽ يوناني پيٽ خاص اهميت وارا هئا. سندس تاريخ نون ڪتابن ۾ آهي، ان ۾ سنڌ سان تعلق رکندڙ باب ٽيون ۽ ستون آهن. ٽئين باب ۾ ڪئمبيس ۽ دارا پهرين جون فتوحات ۽ ستين باب ۾ اگزرزز (Xerxes) جون يونان تي ڪاهون بيان ٿيل آهن. هي پراڻي زماني جي ٻي تاريخ آهي، جا نثر ۾ لکي ويئي هئي. پهرين تاريخ هڪيٽس جي هئي. هيروڊوٽس جي چوٿين ڪتاب ۾ اسڪائليڪس (Scylax) جو پشاور کان وٺي سنڌو درياهہ ۽ پوءِ عربي سمنڊ کان ڳاڙهي سمنڊ (Red Sea) رستي مصر سان ڳنڍڻ جو احوال ڏنل آهي. اهو سفر شهنشاهہ دارا جي حڪم تي ڪيو ويو ۽ مقصد هو تہ گنڌارا ۽ سنڌ صوبن کي ميسو پوٽيما ۽ مصر سان واپار خاطر ملايو وڃي.

هيرو ڊوٽس جي تاريخ ضايع ٿيڻ کان بچي ويئي آهي، ۽ ڪيترا دفعا ڇپجي چڪي آهي. تازه ترين انگريزي ترجمو جو سيلنڪورٽ (Aubry de Selincourt) ڪيو ۽ لنڊن مان ١٩٥٤ع ۾ "Herodotus, The Histories" جي نالي شايع ٿيو آهي. پر ڏسٽي (Index) جي غير موجودگيءَ ۾ ان جو مطالع ڪافي تڪليف ڏيندڙ آهي. ان کان سواءِ هيروڊوٽس جي تاريخ جا هي ترجما بہ ٿيا آهن:


(1) G. Rawlinson and Rev. Oanon: "History of Herodotus", 4 Vols. London, 1856-60.

(2) G. Rawlinson and J. G. Wilkinson: "History of Herodotus", London, 1875.

٧- اريبٽي (Arabitai) حڪومت دادو ۽ ٺٽي ضلعن جي ڪوهستان وارن حصن ۽ ڪراچي ضلعن ۾ هئي.
٨- اوريتاء (Oreitai) جا لَس بيلي ضلعي ۾ هئي.
٩- ڪڇ آن وقت هڪ بيٽ هو. سنڌ جو حصو هو، پر سندس حاڪم جو نالو معلوم نہ ٿي سگهيو آهي.

سڪندر جي سنڌ، هند ۽ ايران فتح ڪرڻ جا ڪي خاص نتيجا هي نڪتا:

١- هن شادين رستي يونانين، ايرانين ۽ هندوستانين کي تهذيبي طور هڪٻئي جي قريب آڻڻ جي ڪوشش ڪئي.
٢- فوجي ۽ ديواني ڪم علحده ڪيا ويا.
٣- هڪ نئون سڪو (Currency) جاري ڪيو ويو، جنهن ۾ سون سان گڏ چاندي بہ استعمال ڪئي وئي.
٤- يوناني ٻولي بين‌الاقوامي واپار ۽ تعلقات ۾ استعمال ٿيڻ لڳي ۽ خاص طور تي سائنس جي ڪتابن ۾.
٥- سنڌوندي‌ءَ کي فرات ۽ دجلہ سان نيئرڪس جي سفر ملائي انهن ملڪن ۽ ٻونوچ سمنڊ جي ملڪن کي سنڌ ۽ هند سان ملايو. انهي‌ءَ موضوع تي سون پنهنجي مضمون International trade of Sind 200 B. C – 200 A. D. through its port of Barbaricon (”سنڌ جو بين‌الاقوامي واپار- سندس باربريڪان بندر جي وسيلي“) ۾ ڪافي بحث ڪيو آهي.

## (٧) نيئرڪس

نيئرڪس (Nearchus) ڪريٽ جو رهواسي، سڪندراعظم جو گَهرو دوست ۽ سندس سنڌ مان رواني ڪيل بحري ٻيڙن جو اميرالبحر هو. سندس خاص ڪاميابي اها هئي تہ هو سنڌو درياہ ۾ استعمال ٿيندڙ سڌي تري وارن ٻيڙين (Flat bottom boats) جي ذريعي مڪران جو ڪنارو وٺي، ايراني نار رستي درياہ دجلہ جي منهن تي پهتو. حقيقت ۾ اهو رستو ميسوپوٽيما جي حاڪم سارگن ٻئي (Sargon-II) جي دؤر ۾ يعني عيسوي سن کان 2200 اڳ بہ استعمال ٿيندڙ هو، پر انهي‌ءَ جي نہ دارا کي خبر هئي، جنهن انهي‌ءَ ڪم لاءِ اسڪائليڪس کي مقرر ڪيو ۽ نہ وري سڪندر کي، جنهن نيئرڪس کي 80 جهازن سان ان رستي ايراني نار جي منهن تي پهچڻ جو حڪم ڏنو. اهو سڄو احوال سون پنهنجي مذڪور مضمون “International trade of Sind” 200 B. C – 200 A .D. ۾ ڏنو آهي.

نيئرڪس پنهنجي سفرنامي جي روزمره جي هڪ ڊائري (جرنل) لکي. خوش قسمتي‌ءَ سان اهو جرنل ناس ٿيڻ کان بچي ويو ۽ ايرين ۽ استرابو جي مواد معرفت اسان وٽ پهتو آهي. جرنل




DRAWN UNDER GUIDANCE OF M.H. PANHWAR

سيڪنڊرئينيز جي وقت ۾، برصغير ۾ موريا گهراڻي ١٨٧-٣٢٣ ق.م. جي حڪومت.




ٽيوولي هيرم شهر جي ميوزم ۾ رکيل سڪندر اعظم جو مجسمو



سڪندر اعظم جو سوانح نويس ٽالمي سارٽر (سڪندر جو ويڳو ياءُ ۽ مصر جو بادشاهه)



دارا اعظم - ١، جنهن جي حڪم تي اسڪاءِ لئڪس
پشاور کان عربي سمنڊ تائين سفر ڪري سنڌو درياهه
جي سروي ڪئي.

مان سنڌ متعلق مواد جو خلاصو سون "Chronological Dictionary of Sind" ۾ ڇپرايو آهي. اهو جرنل ڪئين دفعا جدا جدا ترجمانن ڇپرايو آهي، جن ۾ خاص هي آهن:

1 Rev. William Vincent. Voyage of Nearchus, London 1797.

2. Mc Crindle. Ancient India as described by Magasthenes and Arrian Calcutta 1877.

3 Tomasche. Topographische Frlanterung der Kuston fahrt Nearchus, Vom Indus, bis Zum Euphrat Vol XXI, Wien 1890.

4. Robson, E. Iliff, Indica, London, 1966 (Leob classical Libarary).

اسان کي نيئرڪس جي جرنل مان پتالا مان روانہ ٿيڻ کان بعد سنڌ جي ايرلدي شاخ (شايد اپرندي پراڻ) رستي روانگي ۽ اڳتي سفر جو تاريخ وار سلسلي ملي ٿو. اتان هي حب يا ارٻس (Arabis) نديءَ پهتو. اتان تامرس (Tomerus) ندي ۽ تامرس کان ڪولتا پهتو. رستي تي ستورا نار (Stura Greek)، ڪورياٽس (Koreatis)، ڪروڪالا (Krokala) هيا. اهي سڀ سنڌ جي ڪناري تي هئا. ان کان پوءِ هو ڊومڪ (Domac) ٻيٽ تي پهتو، اتان سرنگا (Saranga) ۽ وري اتان سڪالا ۽ بعد ۾ مورن ٽوبارا جي بندر تي پهتو، جو حب نديءَ تي هو. اها سنڌ جي سرحد ختم نہ ٿي هئي، چو تہ لَس ٻيلو سنڌ ۾ هو. اتان کان پوءِ هو پگال (Pagal)، ڪبانا (Kabana)، ڪوڪالا (Kocala) کان ٿيندو ٽومرس (Tomerus) يا پورالي نديءَ جي منهن تي پهتو. اتان ملانا روانو ٿيو ۽ پوءِ مڪران جو ڪنارو وٺي مغرب طرف روانو ٿيو.

نيئرڪس جي جرنل جو مڪمل ۽ صحيح مطالع اڃا تائين نہ ٿي سگهيو آهي. تازہ ۱۹۷۵ع ۾ ايگرمانٽ (P. H. L Eggermont) "Alexander's Campaign in Sind and Baluchistan" نالي ڪتاب لکيو آهي، جنهن وڏيڪ ضرورت پيدا ڪئي آهي تہ نيئرڪس جو نئين سر مطالع ڪيو وڃي.

## (۸) ميگسٿينيز

ميگسٿينيز (Megasthenes)، سيلوڪس طرفان چندرگپتا موريا جي دربار ۾ سفير (Ambassader) هو. ان وقت سنڌ ۾ چندرگپت جي حڪومت هئي. ميگسٿينيز گهٽو سفر ڪونہ ڪيو، پر چوي ٿو تہ هن سڪندر اعظم کان ملڪ جا زياده حصا ڏٺا هئا. جيڪي ڪجهہ لکيو اٿس، ان جو واسطو هندستان جي ڪن صوبن سان آهي، پر ملڪ جون عام حالتون ساڳيون هونديون، ان ڪري ڪي ڳالهيون سنڌ سان لاڳو ڪري سگهجن ٿيون. ڪتاب گم ٿي ويو آهي.

## (۹) ارسٽوبولس

ارسٽو بولس (Aristobolus) يوناني تاريخ نويس سڪندر اعظم جي لشڪر ۾ هڪ انجنيئر هو.

سن ۲۸۰-۲۸۵ جي وچ ۾ هن سڪندراعظم جي تاريخ لکي، جا ايرين (Arrian) ۽ سٽرابو (Strabo) پنهنجي تاريخن ۾ استعمال ڪئي آهي. ارسٽو بولس جي تاريخ ايرين جو مکيه ماخذ (Source) هئي، ڇوته ڪيس خبر هئي ته سڪندر ڪيترن موقعن تي ڪي ضروري ڪم ارسٽو بولس جي سپرد ڪيا هئا. ارسٽو بولس شايد پهريون ئي مصنف آهي، جنهن کي معلوم ٿيو ته سنڌو درياه پنهنجا وهڪرا بدلائي ٿو ۽ هن سنڌ ۾ اهڙا ڪئين شهر ڏٺا، جي درياه جي تازي وهڪري بدلجڻ ڪري ناس ٿيا هئا. هن پنجاب ۽ بلوچستان جي ٻوٽن ۽ جانورن ۽ رواجن جو پڻ بيان ڪيو آهي. هي مصنف سنڌ ۾ جولاءِ ۳۲۶ کان سيپٽمبر ۳۲۵ ق.م تائين موجود هو ۽ ۴۰ سالن کان بعد ڪتاب لکيائين، جو ضايع ٿي چڪو آهي. جيڪڏهن ايرين جي ڪتاب معرفت اسان کي سنڌس تصنيف جا حصا نه ملن ها ته شايد اسان کي سنڌس بابت ۽ سڪندر جي سنڌ ۾ جنگين متعلق تمام ٿوري معلومات هجي ها.

## (۱۰) ڪلائٽارچس

ڪلائٽارچس (Cleitarchus) عيسوي سن کان ٽي صديون اڳ، گذاري ويو. هن سن ۲۵۸ ق.م ڌاري سڪندر اعظم جي تاريخ لکي. ڪن جو چوڻ آهي ته اها ۲۸۰ ق.م ڌاري لکي وئي. ايرين اها تاريخ پنهنجي ڪتاب انابسز (Anabsis) لاءِ استعمال ڪونه ڪئي، ڇاڪاڻ ته ان ۾ ڪيترن ئي قسمن جا وڌاءَ ٿيل هئا. پر ڪرٽيس رفس (Curtius Rufus) ۽ ڊيوڊورس، جن به سڪندر اعظم جي تاريخ لکي، تن سنڌس ڪتاب مان ڪيترا حصا استعمال ڪيا آهن. ڪن عالمن ائين سمجهيو ٿي ته ڪلائٽارچس جي تاريخ ٽالمي ۽ ارسٽو بولس کان اڳ لکي وئي هئي ۽ انکري وڌيڪ معتبر (Anthentic) هئي، پر تحقيق ثابت ڪيو آهي ته سڪندر جي پهرين تاريخ ٽالمي سارنڌ لکي ۽ ٻي ارسٽو بولس. ڪلائٽارچس انهن ٻنهي کان بعد ۾ لکيو. پهرين ٻن وانگر ڪلائٽارچس به شايد سڪندر سان ايشيا ۾ ڪين هو. پر جيڪڏهن سنڌس تاريخ ۲۵۸ ق.م ۾ يا ٻي صدي ق.م ۾ لکي وئي ته پوءِ هو ساڻن گڏ نه هو. سنڌس تاريخ وجود ۾ ڪانه آهي، پر جيڪي ڊيوڊورس ۽ ڪرٽيس کان معلوم ٿئي ٿو ته سڪندر سيوهڻ جي بادشاهه سمبس کي شڪست ڏيڻ بعد ۸۰,۰۰۰ ماڻهو مارايا. اهو وڌاءُ آهي ڇاڪاڻ ته ان وقت سڄي سنڌ جي آبادي شايد ۵ لک ماڻهو هجي. اهڙيءَ طرح لس ٻيلي جي مڇي خورن (Fish eaters) متعلق بيان، ته هو سواءِ مڇيءَ جي ٻيو ڪوبه کاڌو نه کائيندا هئا، ۽ انهن وٽ ڪنهن به قسم جو اوزار نه هو، انڪري مڇيءَ کي پنهنجن ننهن سان چيري اس ۾ پچائي کائيندا هئا، پڻ هڪ مبالغو آهي.

سڪندر جي رومانس (Romance) جا قصا پڻ تاريخي حيثيت نٿا رکن. پتالا شهر کي هرمانيليا جو نالو پڻ هن مصنف ڏنو. سڪندر جا معجزا ۽ خواب مصر جي ٽالمين جي دؤر ۾ مشهور ڪيا ويا. هن مصنف انهن مان ڪي پنهنجي تصنيف ۾ شامل ڪيا آهن.

ڪلائٽارچس مصر جي اليگزنڊريا شهر ۾ رهندو هو، جتي ٽالمي گهراڻي جي حڪومت هئي، جنهن جو بنياد وڪندڙ ٽالمي - اول سارٽر (Ptolemy-I Sorter) سڪندر جو ويجهو پياءُ ۽ دوست ۽ جنرل پڻ هو. ٽالمي خاندان وارا سڪندر جي وڏي عزت ڪندا هئا ۽ پاڻ کي ان جو وارث سمجهندا هئا، انڪري انهن جي دؤر ۾ سڪندر لاءِ ڪئين قصا ٺاهيا ويا، جي ٢٠٠٠ ورهيسن تائين تاريخي حقيقت سمجهيا ويندا هئا. هن مصنف تي وڏي ۾ وڏي تحقيقات هڪ جرمن عالم جئڪوبي (Jacoby F. G. H) ڪئي، جا برلن مان جرمن زبان ۾ ١٩٢٣ ۽ ١٩٣٠ع ۾ شايع ٿي آهي.

## (١١) ايرٽوسٿينيس

ايرٽوسٿينيس (Eratosthenes) يوناني جاگرافي دان ۽ حسابن جو ماهر سائرين (Cyrene)، جنهن جي هاڻي 'شاهت' چون ٿا ۽ لبيا ۾ سمنڊ جي ڪناري تي موجود آهي، ۾ سن ١٩٤- ٢٧٦ ق.م ۾ زنده هو. تعليم اٿينس ۾ پرايائين ۽ مصر جي بادشاه ٽالمي ٽئين (Ptolemy-III) جي دعوت تي سڪندريه جي عجائب گهر ۾ تحقيقات جي شعبي ۾ فيلو (Fellow) مقرر ٿيو، جتي تاريخ، جاگرافي، جيالاجي، اسٽرانامي، حساب ۽ ادبي تنقيد (Literary Criticism) تي ڪم ڪيائين. ازانسواءِ سلسليوار تاريخن (Chronology) تي پڻ ڪم ڪيائين. سندس همعصر (Contemporaries) کيس پهرينءَ صف جو عالم (Scholar) نه سمجهندا هئا، ڇوته هو گهڻن شعبن ۾ ڪم ڪندو هو ۽ هرهڪ شعبي جا ماهر هن کي پاڻ کان گهٽ سمجهندا هئا، پر هيءُ پهريون جاگرافي دان هو، جنهن ڌرتيءَ جي گولائي (Sphericity) جي تحقيقات ڪئي ۽ ڌرتيءَ جو قطر (Diameter) ماپيو جو اڄ جي حساب مطابق فقط ٥٠ سيڪڙو گهٽ آهي. سج ۽ چنڊ جي ماپ ۽ ڌرتيءَ کان مفاصلي تي پڻ ڪم ڪيائين. هن مصري سال (Calender) ۾ هڪ ڏينهن گهٽڻ جو مشورو ڏنو، جو وقت جي حڪومت عمل ۾ نه آڻي سگهي. سن ٢٣٥ ق.م ۾ هو سڪندريه جي ڪتبخانه جو لائبريرين مقرر ڪيو ويو ۽ هو پهريون ئي سائنسدان هو جو انهيءَ عهدي تي مقرر ٿيو. سندس ڪابه تصنيف موجود ڪانه آهي. سندس تصنيفن متعلق اسان کي خبر مشهور جاگرافي دانن سترابو (Strabo) ۽ ٽالمي (Ptolemy) مان پوي ٿي. انهن ٻنهي سندس جاگرافي جو مطالع ڪيو ۽ ان کي پنهنجن جاگرافين جي ڪتاب لاءِ استعمال ڪيو.

جئڪوبي (F. G. H jcoby) پنهنجي جرمن ڪتاب (Fragmente der griechischen Historiker) ۾ سندس متعلق لکيو آهي. اهو ڪتاب لنڊن مان سن ١٩٢٣ع ۾ شايع ٿيو. سارٽن (H. S George Sarton) پڻ "A History of Science" ۾ سندس بيان ڪيو آهي. اهو ڪتاب سن ١٩٥٣ع ۽ ١٩٥٩ع ۾ ڪيمبرج مان ٻن جلدن ۾ شايع ٿيو.

سنڌ متعلق بيان لکڻ کان سواءِ هن ان وقت جي معلوم دنيا جو نقشو تيار ڪيو، جنهن ۾ برٽش آئيلس کان وٺي سلون تائين ۽ ڪئسپين سمنڊ کان وٺي حبش (Ethiopia) تائين ملڪ ڏيکاريائين، ان ۾ سنڌ به اچي ٿي وئي. اهو نقشو وجود ۾ ڪونہ آهي ۽ شايد هپارڪس (Hipparchus) ۽ سٽرابو (Strabo) استعمال ڪيو هجي. انهن پنهنجي جا نقشا ايرٽوسٿينيس جي نقشي کان زياده مفيد هئا. ڌرتي جي گولائي ماپڻ لاءِ هن ڇيو تہ اونهاري ۾ منجهند جو (شايد جون ٢١ تي) سج اسوان جي بلڪل مٿان آهي، پر سڪندريہ کان ست ڊگريون ڏکڻ تي آهي. سڪندريہ ۽ اسوان جو مفاصلو ڪيس معلوم هو، ان مان ڌرتيءَ جي گولائيءَ جو حساب ڪيائين، جو هن جي انگن مطابق اڄ جي ٢٥٠٠٠ ميلن کان ٿورو وڌيڪ آهي. بعد جي سائنسدانن هي مفاصلو تمام گهٽ سمجهيو ۽ پوسيڊونيس (Poseidonius) جو تحقيقات ڪيل ١٨٠٠٠ ميل گهيرو (Circun ference) قبول ڪيو. اها غلطي سترهن صدين کان بعد درست ڪئي وئي.

## (١٣) يوڊوڪسز

سائيزيڪس (Cyzicus) جو رهواسي يوڊوڪسز (Eudoxus) مصر جي بادشاهہ ٽالمي اٺين (Ptolemy VIII ,Euregetes-II) جي دور ۾ (١٤٦-١١٧ ق.م) سنڌس دربار جو هڪ جاگرافي دان هو. سال ١١٩ ق.م ۾ ساحلي محافظن هڪ ماڻهوءَ کي بادشاهہ جي دربار ۾ اڌ مئل صورت ۾ آندو، جنهن کي بُک ۽ اُڃ سبب هڪ تباهہ ٿيل جهاز مان سمنڊ جي لهرن ڪناري تي آندو هو.

هن دربار ۾ ٻڌايو تہ هو هندوستان مان آيل هو ۽ بادشاهہ جي عيوضين کي اتي وٺي وڃڻ لاءِ تيار هو. بادشاهہ جي حڪم تي هي جاگرافي دان سنہ ١٢٠ ق.م ۾ ان ماڻهوءَ سان گڏ هندوستان ۾ آيو. پنهنجي مضمون International trade of Sind 200 B. C-200 A. D ۾ مون انهيءَ ڳالهہ تي بحث ڪيو آهي تہ ان دور ۾ برصغير جي ٻاهرين تجارت جو مرڪز باربريڪان (Barbaricon) يا "ڀنڀور" هو.

مصر مان جهاز ڳاڙهي سمنڊ جي رستي، عدن کان عربستان جو ڪنارو وٺي بحرين ايندا هئا، اتي ايراني نار کي پار ڪري، ايراني ۽ بلوچي مڪران جو ڪنارو وٺي ڀنڀور پهچندا هئا، جتي نہ صرف اتر اولهہ برصغير جو پر چين، تبت ۽ وچ ايشيا جو مال چين جو ريشم ۽ ڏکڻ هندوستان جو مال پڻ سمنڊ جي رستي پهچندو هو. اها ڳالهہ ڏيکاري ٿي تہ يوڊوڪسز ضرور ڀنڀور آيو هوندو.

پهريون يوناني، جنهن سنڌ ۽ مصر جي وچ ۾ ٥١٢ ق.م ۾ سفر ڪيو، سو هو اسڪائلڪس. يوڊوڪسز ٻيو يوناني هو. پر اها ڳالهہ بلڪل واضح ٿئي ٿي تہ پنهي دورن جي وچ ۾ سنڌ جا ماڻهو مصر تائين ايندا ويندا رهيا. هندوستان مان واپسي تي يوڊوڪسز جو جهاز رستو ڀلجي ويو.

## (١٤) اسٽرابو

اسٽرابو (Strabo) هڪ يوناني جاگرافي‌دان هو، جو اماسيا پانٽس شهر (جو ترڪيءَ ۾ ڪاري سمنڊ جي ڪناري کان ٧٥ ميل ڏکڻ طرف هن وقت به موجود آهي) ۾ سن ٦٣ ق.م ۾ پيدا ٿيو ۽ سن ١٩ع ۾ فوت ٿيو. پاڻ ملڪيت وارو هو ۽ تمام گهڻا سفر ڪيائين ۽ عموماً اها دعويٰ ڪندو رهيو ته ڪنهن به جاگرافي‌دان هن جيترو سفر نه ڪيو آهي. سن ٤٤ ق.م ۾ هو روم ۾ آيو ۽ يوناني استادن وٽ تعليم حاصل ڪيائين، جتي شايد ٽائرنينن (Tyrannion) جي صحبت ۾ جاگرافيءَ سان دلچسپي پيدا ٿيس. هن جي جاگرافي (جا ١٧ جلدن ۾ آهي، جن مان ١٦ جلد اڄان تائين سلامت آهن). ايرٽوسٿينز (Eratosthenes) جي جاگرافيءَ تي ٻڌل آهي. پوئين جاگرافي نويس هن کان حسابن (Mathematics) جو زياده ڄاڻو هو، ان ڪري اسٽرابوڪئين غلطيون ڪيون آهن. مثلاً پونوچ سمنڊ جي ملڪن ڪي ايرٽوسٿينز جي گولائي (Sphericitly) سان سڌو (Plane) ڪرڻ ۾ غلطيون ڪري ويو. ازانسواءِ هن هومر (Homer) جي داستان‌گوئيءَ ڪي سچ سمجهيو ۽ هيروڊوٽس جي تاريخ استعمال ڪري غلطين جو انداز وڌايو. پر هن پنهنجي جاگرافي ۾ اڳين جاگرافي‌دانن جي تصنيفن ڪي استعمال ڪرڻ سان اهي سڀ تصنيفون تباهيءَ کان بچايون. ڌرتيءَ ڪي گولو تسليم ڪرڻ سان هن نوان‌ کنڊ (Continents) تسليم ڪري انهن ڪي نالا ڏنا. هن جي لکڻ مطابق کنڊن جي چوڌاري سمنڊ آهي ۽ ڌرتيءَ جو سڄو حصو اتر واري اڌ گول جي چوٿين حصي تي ڇانيل آهي، باقي ايراضيءَ ۾ سمنڊ آهي. هن سنڌ ۽ سنڌ جي واپار متعلق ڪافي لکيو آهي، جنهن جا ڪي حصا مون "International trade of Sind 200 B.C-200 A.D" مضمون ۾ استعمال ڪيا آهن.

هيٺيون خاص ڳالهيون، جي اسٽرابو لکيون آهن، ذهن ۾ رکڻ جي قابل آهن:

(١) يوڊوڪسز جي هند سنڌ جي سفر متعلق هن مصنف کان احوال مليو ٿو.

(٢) يوڊوڪسز کان بعد موسمي هوائن جي جهازرانيءَ لاءِ استعمال بابت احوال پڻ هن جي ڪتابن مان معلوم ٿئي ٿو.

(٣) هي پنج سال مصر ۾ رهيو. ان وقت گڏيل هندستان جو وڏي ۾ وڏو تجارتي بندر باربريڪان (Barbaricon) يا "ٻنڀور" هو ۽ ان جو مصر جي شهر سڪندريه جي معرفت رومي سلطنت سان واپار هلندو هو. سنڌ متعلق اهو سڄو مواد هن ڪي مصر ۾ حاصل ٿيو.

(٤) پنهنجي جاگرافي، هن سن ٧ ق.م ۾ لکي ۽ پوءِ وري سن ١٨ع ۾ ان ۾ اضافا ڪيائين.

(٥) مصر مان قافلن جو ڳاڙهي سمنڊ تائين پهچڻ ۽ آتان عربي سمنڊ لاءِ رواني ٿيڻ جو احوال پڻ درج ڪيو ويو.

(٦) آگسٽس (Augustus) جي دؤر تائين مصر جا جهاز ورلي بابالمغرب تائين پهچندا هئا، پر سندس هٿان ٢٥ ق.م ۾ عدن جي تباهي ۽ عرب قبيلن تي حاوي ٿيڻ بعد مصري يوناني ۽ رومن جهاز عربي سمنڊ ۾ اچڻ لڳا.

(٧) سندس وقت تائين رومي واپاري گنگا نديءَ جي اندر اتفاقاً پهتا هئا.

(٨) عربستان مان قافلن جا رستا بيان ڪري ٿو. سنڌ مان مال عدن تائين ويندو هو، جتان عرب قافلن رستي اهو مال مصر ۽ يورپ سمنڊ جي ڏاکڻين ڪناري تي پهچائيندا هئا.

(٩) هپولس جي موسمي هوائن جي ايجاد ۽ ان جو جهازرانيءَ لاءِ استعمال جو احوال.

(١٠) (Single horned Rinoceros) يا هڪ سنگو گينڊو، جو ان وقت سنڌو درياه ۾ عام هو، استرابو، آگسٽس جي قلوپطرا تي فتح جي موقعي تي ڏنو. اهو گهڻو ڪري سنڌ مان مصر موڪليو ويو هو.

(١١) استرابو هندستان مان روانو ڪيل ۹ فوٽ ڊگهو نانگ پڻ مصر ۾ ڏٺو.

(١٢) استرابو کنڊ متعلق لکي ٿو ته اها ماکي هندستان ۾ وڻن مان ماکيءَ جي مک جي مدد کان سواءِ پيدا ٿئي ٿي.

اهڙي قسم جا ڪيئي بيان سندس ڪتابن ۾ موجود آهن. سنڌ جي پراڻي جاگرافي تي هيءُ هڪ ناياب ڪتاب آهي.

سندس جاگرافيءَ جو ترجمو (H. L.Jones, Geography of Strabo) ٨ جلدن ۾ لوئب ڪلاسيڪل لائبرري طرفان ڪيو، جو لنڊن مان ١٩١٧-١٩٣٣ع ۾ شايع ٿي چڪو آهي. بنبري (Bunbury) پنهنجي ڪتاب "History of Ancient Geography" ۾ استرابو جو ذڪر ڪيو آهي. استرابو تي حوالا پڻ هيٺين مصنفن جي ڪتابن ۾ ملندا، مئڪرنڊل، راولنس، ورمنگٽن ۽ چارلس ورٿ. انهن ٽن مصنفن جي ڪتابن جا نالا هپولس ۽ يوڊوڪسز جي بيان ۾ ڏنا ويا آهن.

## (١٥) اپولونيئس آف ٽيانا

ٽيانا جو اپولونيئس (Appollonius of Tyana)، پهرين صدي عيسويءَ جو فلاسافر ۽ ۽ نيو پٿاگورين (Neo-Pythagorean) مذهب جو معتقد، ڪپادوشيا (Cappadocia) جي شهر ٽيانا ۾ پيدا ٿيو. ايران مصر، موجوده پاڪستان وارن علائقن ۽ هندستان ۾ سفر ڪيائين. نيرو (Nero) جي حڪومت جي دؤر ۾ روم ۾ هو. مسيحيت خلاف هڪ فرقو (Cult) قائم ڪيائين. هندستان ۽ سنڌ ۾ سندس اچڻ جو مقصد هو هندو فلاسافيءَ جو مطالعو ڪرڻ ۽ سڪندر اعظم جا نهرايل شهر ۽ يادگار ڏسڻ. ان وقت سنڌ ۽ پنجاب ۾ پارٿين بادشاهه گونڊوفيئرس (Gondophares) جي حڪومت هئي، جنهن سان گنڌارا شهر ۾ ملاقات دوران يوناني زبان ۾ گفتگو ڪيائين. سندس زندگيءَ جو احوال ۽ خط ڪانبيئرو (F.C. Conbearo)

سنہ ١٩١٢ع ۾ فلوسٽراٽس ( Philastratus ) جي ڪتاب تان ترجمو ڪري شايع ڪرايا. هڪ ٻئي مصنف ڪارپينٽير (charpentier) "Travels of Appollonius of Tyana" جي نالي سان سنڌس سفرنامو ۽ زندگيءَ جو احوال پيش ڪيو آهي.

## (١٦) ڊيوڊورس سائڪيولس

ڊيوڊورس سائڪيولس ( Diodorus siculus ) يوناني تواريخ نويس سسليءَ جي شهر اگائريم (Agyrium) ۾ عيسوي سن کان هڪ صدي اڳ پيدا ٿيو هو ۽ سنہ ٣٠-٦٠ ق.م ۾ بہ زندهہ هو.

هن يونوچ سمنڊ جي ملڪن جي تاريخ، جنهن جو نالو ببلوٿيڪا هسٽاريڪا (Bibliothea Historica) آهي، ٤٠ جلدن ۾ لکي. تاريخ لاءِ مواد ڪٺي ڪرڻ لاءِ هن ڪافي سفر ڪيا. سنڌس ٤٠ جلدن مان فقط پهريان چار ۽ ١٩ ۽ ٢٠ جلد بچي ويا، باقي ضايع ٿي چڪا آهن. پوين ٻن جلدن ۾ ٣٠٢-٤٨٠ ق-م عرصي جو بيان آهي. دارا جي مرڻ بعد اخيمينين جو زوال، سڪندر جي سنڌ تي ڪاهہ ۽ سڪندر جي مرڻ کان بعد سنڌس حڪومت جو ٽڪرا ٿيڻ، سنڌ ۽ هند ۾ چندر گپتا موريا جي حڪومت جو قائم ٿيڻ، انهيءَ عرصي ۾ اچي وڃن ٿا. مشهور تواريخ نويس هيروڊوٽس جي تاريخ ٤٧٩ ق-م تي ختم ٿئي ٿي. سنہ ٤٣١-٤٩٧ق-م لاءِ تہ ٻئي ڪنهن هنڌان مواد ڪونہ ٿو ملي. ٿڪائيڊائيڊس (Thucydides) سنہ ٣٦٢-٤٣١ ق.م وارو عرصو بيان ڪيو آهي، پر سن ٣٠٢-٣٦٢ عيسوي واري عرصي جو مسلسل بيان ڪنهن بہ تاريخ ۾ ڪونهي.

تواريخ نويسيءَ جي تحقيقات جي لحاظ سان ڊيوڊورس ايترو پروسي جوڳو ناهي. حقيقت جو مدار انهيءَ تاريخ تي آهي جا هن استعمال ڪئي، پر سڪندر جي موت بعد سنڌس جنرلن جي پاڻ ۾ جنگ، سنڌس سلطنت جي ورهاست ۽ هندستان ۾ چندر گپتا جو اڀرڻ، انهي دور تي مٿس پروسو ڪري سگهجي ٿو، ڇو تہ انهيءَ عرصي لاءِ سنڌس ماخذ مستند هئا.

برصغير متعلق سڪندر سان وابستہ حصا مئڪرنڊل پنهنجي ڪتاب "Invasion by Alexander" سنہ ١٨٩٦ع ۾ ترجمو ڪيا، جي ٣٦ صفحن ۾ شايع ڪيا ويا، جن مان ڏهہ حصا سنڌ متعلق آهن. انهن صحفن ۾ موسيڪنس (Musicanus)، سمبس پارٽيڪنوس (Particanos)، هرماٽيليا (Hermatelia) (جا شايد بهمن آباد هجي)، پٽالا، لس بيلي (Oritai) ۾ ماڻهن ڪي پورڻ ۽ هندستاني فلاسافر ڪالانوس (Kalanos) متعلق بيان آهي.

ڊيوڊورس، ٽالمي ۽ ارسٽو بولس کان سواءِ ڪلائٽارچس جي تواريخ پڻ استعمال ڪئي آهي، جا ايرين استعمال نہ ڪئي هئي، پر ڪرٽيس استعمال ڪئي. اهوئي سبب آهي جو ڪڏهن ٽنهي تواريخ نويسن يعني ايرين، ڊيوڊورس ۽ ڪرٽيس جا بيان متفق آهن تہ ڪڏهن فقط پوين ٻن جا. ڊيوڊورس، ڪرٽيس وانگر ٻڌائي ٿو تہ اولهہ سنڌ جي بادشاهہ سمبس جي

شڪست بعد سڪندر ..... ۸ سندي قتل ڪرايا. اهو بيان ڪلائٽارچس تان نقل ڪيو ويو آهي. هرما ٽيليا شهر جو پٽالا شهر ڪان اڳ ۾ بيان ڪرڻ ڏيکاري ٿو ته هرما ٽيليا سيوهڻ ۽ پٽالا جي وچ ۾ هڪ وڏو شهر هو، پر ان جي ڪنهن به تاريخدان يا آرڪيالاجسٽ جستجو نه ڪئي آهي.

ڊيوڊورس متعلق تازه ترين ڪتاب ويلس ( C. Bradford Wells ) لکيو جو لوئب ڪلاسيڪل لائبرري سنه ۱۹۶۳ع ۾ لنڊن مان "Diodorus of Sicily" جي نالي شايع ڪيو.

## (۱۷) ڪرٽيئس رفس ڪئنٽس

رومن تاريخ نويس ڪرٽيئس رفس ڪئنٽس (Curtius Rufus Quintus) سڪندر اعظم جي تاريخ ۵۰ع ڌاري رومن شهنشاهه ڪلاڊيس جي دؤر ۾ لکي. ڪتاب ۱۰ جلدن ۾ هو، جنهن مان پهريان ٻه جلد ۽ ٻين جا ڪي حصا ضايع ٿي چڪا آهن. هي ڪتاب تاريخ جي مشابهت ۾ اتهاس جي لحاظ سان زيادهه دلچسپ آهي.

ڪرٽيس جي ماخذن ۾ ڪلائٽارچس به هڪ آهي؛ ڪلائٽارچس جون غلطيون اڳ ۾ بيان ڪيون آهن ۽ اهي هن ڪتاب جو جزو بڻجي چڪيون آهن. ڪرٽيس ٽالمي ارسٽوبولس ڪان سواءِ ٻيا ڪتاب به استعمال ڪيا، جن مان ڪن جا مصنف سڪندر جا مخالف هئا ۽ ڪي هن کي پنهنجو سورمو (Hero) ڪري سمجهندا هئا. ان هوندي به ڪتاب پڙهڻ جوڳو آهي، جنهن ۾ "شگفته بياني" (Flowery Language) ۽ "بلاغت" (Rhetorical) عام جام آهي ۽ سڪندر جون تقريرون ڪنهن وڏي "سخن ور" (Orator) جون لڳن ٿيون. سندس زندگي ۽ ڪتاب تي رولف (J. C. Rolfe) پنهنجي ڪتاب Q. Curtius Rufus, "History of Alexander" ۾ تبصرو ڪيو آهي. اهو ڪتاب ٻن جلدن ۾ لنڊن مان ۱۹۷۱ع ۽ ۱۹۷۲ع ۾ شايع ٿيو آهي.

ڪرٽيس جو بيان ته سڪندر اولهه سنڌ جي حاڪم ميوزيڪينس جا ..... ۸ ماڻهو مارايا، ڪلائٽارچس تان ورتل ٿو معلوم ٿئي.

ڪنڊيل هندستان متعلق ڪرٽيس جي ڪتاب جو ترجمو مئڪرنڊل "Alexanders invasion of India" نالي ڪتاب ۾ ڪيو جو ۱۸۹۶ع ڇپيو ۽ ان ۾ هندستان جي باري ۾ جي ۸۷ صفحا آهن، انهن مان ۱۴ صفحن جو تعلق "سنڌ" سان آهي.

## (۱۸) پلوٽارچ

پلوٽارچ (Plutarch) سنه ۴۶ع ۾ بوئيوٽيا صوبي جي ڪئيرونيا (Chaeronea in province of Boeotia) شهر ۾ پيدا ٿيو. سرڪاري ملازمت ڪيائين ۽ ان سان گڏ علمي شوق سبب لکڻ ۾ مصروف رهيو. هن تاريخ ۽ فلسفي تي ڪئين ڪتاب لکيا، جن مان هو ۵۰ مشهور

زندگين تي لکيل ڪتاب "Parallel Lives" لاءِ خاص طرح مشهور آهي. اهي زندگيون يوناني ۽ رومي حڪمرانن، جنرلن ۽ سياستدانن جون هيون، جن ۾ سڪندراعظم به اچي ٿي وڃي، جنهن جي زندگيءَ سان سنڌ جو به واسطو آهي. سندس ڪتاب ڪيئن دفعا ترجمو ٿي چڪو آهي، جن ۾ پيرن جو ڪتاب B.Perrin, Plutarch's lives. London 1919؛ ائان سڪاٽ ڪلورٽ جو ڪتاب Ian Scott Kilvert, The age of Alexander, London 1977 ۽ ايڊمنڊ فلر جو Edmund Fuller, Plutarch Lives of noble Greeks, London 1974 قابل ذڪر آهن.

هند و پاڪستان متعلق سڪندر جي زندگيءَ جي حصن جو ترجمو مئڪرنڊل ڪيو، جو سندس ڪتاب "Invasion of India by Alexander the Great" (London 1996) ۾ ڇپيو، ۽ ۱۴ صفحن ۾ آهي، جنهن مان ۷ صفحا سنڌ متعلق آهن. هن پنهنجي تاريخ ۾ سڪندراعظم ۽ ٻين جا خط استعمال ڪيا آهن، جي گهڻو ڪري نقلي هئا، پر سندس "انداز تحرير" (Literary Style) تمام سٺو آهي، جنهن ۾ قصا، ڪهاڻيون، روايتون شامل ڪيون ويون آهن، پر تاريخي اعتبار جي لحاظ سان قابل قبول نه آهن. ڪرٽيس وانگر هي هندو يوگي ڪلانوس جو قصو دهرائي ٿو ۽ سمبس جي علائقي ۾ جوگين سان سڪندر جي ملاقات ۽ بحث مباحثو بيان ڪري ٿو. شايد اهي سڀ قصا نقلي هجن، جي ڪلائٽارچس جي ڪتاب تان نقل ڪيا ويا هجن.

## (۱۹) پيريپلس

پيريپلس (Periplus of Erythraean Sea)، مارڪو پولو، ڪولمبس، نيئرڪس ۽ ٻين جي جرنل وانگر آهي، جنهن ۾ واپار ۽ واپار لاءِ خشڪي ۽ سمنڊ جا رستا ۽ واپار جا مرڪز، يورپ وارن جي لاءِ لکيا ويا آهن، جيئن هو مشرق ۾ واپار خاطر آسانيءَ سان اچي سگهن. مصنف جي نالي جي معلومات ڪانهي، پر ان جو لکيل اهو "گائيڊ بوڪ" جهازران ۽ واپاري استعمال ڪندا هئا.

سڪندر جي فتح کان بعد هندستان ۾ جيڪي حڪومتون پيدا ٿيون، تن جي تهذيب ۽ تمدن واپار کي وڌايو. ٻئي طرف رومن سلطنت ۾ عمدين شين جي استعمال لاءِ حرص ۽ شوق پيدا ٿيو. واپار جو سلسلو وڌندو رهيو ۽ ٻهرين صدي عيسويءَ جي پوئين اڌ ۾ مغرب ۾ مشرق جي پيداوار جي ضرورت، پنهنجي ڪمال تي پهتي. هي ڪتاب انهيءَ وقت جو لکيل آهي. ان جي لکڻ جي تاريخ تقريباً ۷۰ يا ۷۱ع آهي.

هن ڪتاب ۾ سنڌ جو بندر باربريڪان (Barbaricon or Banbhore) به ان ڪيل آهي، جنهن جي درآمد: تصويرن وارو فلٽڪس سان ٺهيل ڪپڙو (مصر ۽ ميسوپوٽيما جو)، "زرد ياقوت" (Topaz)، "مرجان" (Coral)، "سلاجيت" (Storax)، "لوبان" (Frankincense)، شيشو، شيشي، سون ۽ چانديءَ جا برتن، سون، چاندي ۽ شراب هئي ۽ برآمد: Turquise،

"لاجورد" (lapis lazuli)، ...... (Lycium)، نير، رنگ، ڪپهه، ريشمي ڪپڙو، ريشمي ڪلون ...... (costus)، گوگر (bdellium)، ڪٺونر، گهه عطر وغيره هئي.

يوناني سنڌوندي ءَ کي سنٿوز چوندا هئا ۽ سنڌ کي سٿيا (Scythia) يا سٿين جو ملڪ، جن جي هتي حڪومت هئي. سنڌ جي اندر منانگرا (شايد برهمڻ آباد يا الور) شهر هو، جو تخت گاهه هو. سنه ٥٠ع تائين باربريڪان هند ۽ سنڌ جو وڏي ۾ وڏو بندر هو، جتان گهڻي ۾ گهڻو واپار ٿيندو هو، پر انهيءَ کان پوءِ موسمي هوا جو جهازرانيءَ لاءِ ايجاد ٿيڻ ڪري، ڀڙوچ يا بئريگازا (Barygaza) وڏي ۾ وڏو بندر ٿي چڪو هو. ڪڇ جو رڻ ان وقت تانگهو سمنڊ هو، جنهن کي آئرينان (Eirinon) چوندا هئا. منجهس ست ٻيٽ هئا ۽ جهازرانيءَ جي لائق نه هو. عربي سمنڊ کي ايرائٿرينين (Erythraean Sea) چوندا هئا ۽ ڳاڙهي سمنڊ کي سنس عرئبيڪس (Sinus Arabicus).

- پيريپلس جا ٻه انگريزي ترجما موجود آهن. پهريون منڪرنڊل سنه ١٨٧٩ع ۾ ڪلڪتي مان "Commerce and navigation of Erythraean Sea"- Translation of Periplus Naris Erythae جي نالي ڇپرايو ۽ ٻيو سڪاف (Scoff. W. H.) جو ترجمو فلاڊيلفيا مان سنه ١٩١٢ع ۾ ڇپيو. انهن ۾ ٻيون ترجمو بهتر سمجهيو ٿو وڃي.

## (٢٠) پلني ڊي ايلڊر

پلني ڊي ايلڊر (Pliny the Elder or Gais Pilnius Secondns) اٽلي جي ڪومو يا ڪوم (Comum or Como) شهر ۾ سنه ٢٣ع ۾ پيدا ٿيو ۽ رومن سلطنت ۾ ڪيترن وڏن سول ۽ ملٽري عهدن تي رهيو. سنه ٧٩ع ۾ ويسيوئيس پرنڊز جبل جي تباهه ٿيل ماڻهن جي مدد لاءِ اتي ويو ۽ پوسانجي مري ويو. هن ڪئين ڪتاب لکيا، جن مان "On Natural History" جو ٣٧ جلدن ۾ آهي، هن وقت به موجود آهي، باقي ڪتاب ضايع ٿي ويا. اهو ڪتاب ١٤٦ رومين ۽ ٣٢٧ غير رومين لکيو. ڪتاب ۾ جاگرافي، جانورن، مڇين، پکين، جيتن، وڻن، ٻوٽن، گلن، دوا جي ٻوٽين، ڌاتن ۽ قيمتي پٿرن وغيره جو بيان آهي. اهو ڪتاب قديم علم جي هڪ انسائڪلوپيڊيا آهي. هن ڪتاب لکڻ لاءِ هزارين ڪتاب استعمال ڪيا ويا. بدقسمتيءَ سان ڪئين غلط احوال سندس ڪتاب ۾ درج ٿي ويا، خصوصاً حيوانيات (Zoology) جي جلدن ۾. اها تاريخ سنه ٧٧ع ۾ مڪمل ٿي.

هن جي جاگرافي واري حصي ۾ قديم سنڌ متعلق ڪافي مواد موجود آهي. مثلاً:

١- ڳاڙهي سمنڊ ۾ تجارت جي رڪاوٽن کي ختم ڪرڻ لاءِ انٽيوڪس ٿئين ۽ چوٿين، گيرا (Gerrha) تي حملا ڪيا.

٢- سون جي سڪن جو وڏو تعداد هر سال هندستان موڪليو ويندو هو، جنهن جي عيوض هندستان مان مصالح ۽ ڪئين نفيس شيون (Luxury goods) روم روانا ڪيا ويندا هئا.

٣- سندس دؤر ۾ باربريڪان (Barbaricon) يا پنيور سنڌ جو مکيه ۽ مشرق جو پهريون بندر هو، جتي مغرب کان ايندڙ جهاز لنگر هڻندا هئا.

٤- سنڌ ۽ هندوستان سان تجارت جي سلسلي جون شيون بيان ڪيون ويون آهن.

٥- هند، سنڌ ۽ مصر جي وچ ۾ خشڪي ۽ سامونڊي رستا ڏيکاريا ويا آهن.

٦- پلني جي تاريخ تيار ڪرڻ وقت يعني ٧٧ع ۾ پنيور جي تجارت گهٽجي چڪي هئي ۽ بئريگازا (Barygaza) يا ڀڙوچ هندستان جو وڏو تجارتي بندر ٿي چڪو هو.

٧- هندوستان سان واپار جي حفاظت لاءِ ڳاڙهي سمنڊ ۾ رومن حڪومت طرفان بحري اڏو قائم ڪيو ويو هو.

٨- جيڪو مال عرب قافلن رستي عدن کان روم پهچائيندا هئا، سو ڏاڍو مهانگو پوندو هو.

٩- گڏيل هندوستان مان روم هيرا جواهر، سنگمرمر جو سامان، سليماني پٿر (agate)، عقيق (Cornelian)، عقيقِ احمر (sard)، عقيق سليماني (sardonyx)، فيروزه (beryl)، ياقوت ڪبود (sapphire)، لعل(ruby)،... (turqaise)، سچو بلور (crystal)، نيلم(amethyst)، دودي پٿر (opal) ۽ ياقوت (garnet) وغيره روانا ڪيا ويندا هئا. انهن مان ڪي شيون افغانستان ۽ سوات مان ايندي هيون ۽ باربريڪان مان ٻاهر ويندي هيون.

١٠- استرابو ۽ پيريپلس وانگر، پلني پڻ موسمي هوائن جو ذڪر ڪري ٿو ۽ ٻڌائي ٿو ته ڪيئن هيپولس جي ايجاد ڪري باربريڪان جو واپار گهٽجي ويو.

١١- يودوڪسز جو هندوستان مان واپسي وقت آفريڪا جي چوطرف ڦري اسپين ۾ پهچڻ.

١٢- پلني سڪندريه کان ملبار پهچڻ لاءِ پورو حساب ڏنو آهي ته اهو سفر ١١٤ ڏينهن ۾ ٿيندو هو، جنهن مان صرف ٤٠ ڏينهن عربي سمنڊ ۾ گذرندا هئا.

١٣- هندوستان مان مصر لاءِ سفر ڊسمبر يا جنوري ۾ ڪيو ويندو هو.

١٤- قيمتي پٿرن کان سواءِ هندوستان مان عطر، عنبر، مُشڪ، ڪاڏي لاءِ ڪي هندوستاني جانور، جسم کي لڳائڻ جون دوائون، هندوستاني طوطا، ڀولڙا، شينهن ۽ چيتا پڻ روم روانا ڪيا ويندا هئا، جن مان ڪي خشڪي رستي.

١٥- هڪ سنگ وارو درياهي گهوڙو (Rinoceros) جو سنڌ ۾ هوندو هو، روم موڪليو ويندو هو.

١٦- هندوستاني هاٿي، سڪندر اعظم کان فوراً بعد سيليوڪس ۽ ٽالمي استعمال ڪيو ۽ اهو برآمد ٿيندو رهيو.

١٧- چيني، ٽيبٽي ۽ چيني ترڪستان جي جانورن جون پشمي کلون (furs)، سنڌ جي بندر باربريڪان مان روم روانيون ٿينديون هيون.

٣٢- پتل، شيهو، لوهه، ٽامون، سينڪيو (drsenic)، سندر (Relead)، قلعي، سون، چانڊي ۽ سون جا سڪا پڻ باربريڪان ۾ روم مان درآمد ٿيندا هئا. اهي ساڳيون شيون هندستان جي بندرن تي پڻ روانيون ڪيون وينديون هيون.

٣٣- هندستان ۽ روم جي واپار جي شين جي برآمد ۽ درآمد (Import and export) ڪان پوء روم جي درآمد زياده هئي، انڪري هو هندستان کي هر سال ٥٥،٠٠٠،٠٠٠ سيسترسيز (Sesterces) سون جي صورت ۾ ڏيندا هئا. ان جو شروع ۾ گهڻو حصو باربريڪان بندر تي ڏيڻو پوندو هو، پر ٥٠ع ڪان بعد ۾ زياده حصو ڀڙوچ ۽ ملبار ڪناري تي خرچ ٿيندو رهيو. ڪن جو چوڻ آهي ته اهو خرچ فقط ڀڙوچ ۽ باربريڪان ۾ ٿيندو هو ۽ ان ۾ ڪاري منڊل، سلون، تامل علائقن جو حصو ڏنل ڪونه آهي.

پلني جي ڪتاب مان چند جملا صرف مثال طور ڏنا ويا آهن، پر ڪتاب ۾ مواد ايترو آهي، جو سنڌ جي واپارين ۽ ٻين ڳالهين تي هڪ جلد لکي سگهجي ٿو. منهنجو مضمون، International trade of sind, 200 B. C - 200 A.D., through its port of Barbaricon پڻ ان ڏس ۾ صرف هڪ ابتدائي ڪوشش آهي.

پلني جي ڪتاب جا جرمن، فرينچ ۽ لاٽن ترجما موجود هئا. تازو رئڪمن (H. Rackman) آن جو ٻن جلدن ۾ ترجمو ڪيو آهي، جو ١٩٦٧ع ۾ لنڊن مان لوئب ڪلاسيڪل لائبرري طرفان Pliny-Natural History جي نالي سان شايع ٿيو آهي. منهنجي خيال مطابق جيڪڏهن پلني، استرابو ۽ پيريپلس جو مطالعو ڪبو ته سنڌ تي وڏو مواد ملي ويندو. ان سان گڏ چارلسورٿ (charlesworth)، ورمنگٽن (Wormington) ۽ مئڪرنڊل جي ڪتاب Ancient India as described in classical literature جي مطالعي جي به ضرورت آهي.

## (٢١) ڪلاڊيس ٽالمي

ڪلاڊيس ٽالمي (Ptolemy Claudius) سنه ٧٥ع ڌاري مصر جي شهر ٽالمائيس (Ptolemeus) ۾ پيدا ٿيو. هن جو مصر جي ٽالمي خاندان سان، جنهن سڪندر جي موت ڪان وٺي ٣٠ ق.م تائين حڪومت ڪئي، ڪوبه تعلق نه هو. شايد زندگيء جو گهڻو حصو ۽ گهٽ ۾ گهٽ ته به ٤٠ سال سڪندريه گذاريائين. سندس موت ١٥١ع ڌاري يا ٿورو بعد ٿيو. هو شايد مصري هجي ۽ نه يوناني. هو جاگرافي ۽ فلڪيات جو ماهر هو.

هن جا به ڪتاب: جاگرافي، جا ٨ جلدن ۾ آهي ۽ الميگيسٽ (Almagest) يا سنتاڪسز (Syntaxis) مشهور آهن. جاگرافي ١٥٠ع ڌاري لکيائين، جنهن ۾ ٨٠٠٠ جڳهن جو ذڪر آهي. جيتوڻيڪ هن راڳ ۽ ساز، ميڪينڪس (Mechanics)، ائسترانامي (Astronomy) ۽ اپٽڪس (Optics) تي پڻ لکيو. هن هپارڪس (Hipparchus) جي جاگرافي استعمال ڪئي، جا هن وقت وجود ۾ نه آهي. هپارڪس يونان ۾ رهندو هو. جيئن ته ٽالمي ائسترانامي ۾ هپارڪس جا

# 150 A D THE WORLD ACCORDING TO PTOLEMY

(ADOPTED FROM MICHEAL GRANT)

THE GEOGRAPHY OF CLAUDIUS PTOLEMAEUS OF ALEXANDRIA INCLUDING AN ATLAS SHOWED AWARENESS OF THE EXISTENCE OF CHINA BUT NOT OF ITS SHAPE




UNDER GUIDANCE OF M.H. PANHWAR.

ٽالمي (١٥٠ع) جو تيار ڪيل عالمي نقشو، جنهن ۾ سند (INDUS) ڏيکاريل آهي.




DRAWN UNDER GUIDANCE OF M.H. PANHWAN.

ٽالميءَ جو سنڌ ۽ ڀر وارن علائقن جو نقشو.

ٽالمي سنڌونديءَ جا ست منهن ڏيکاريا آهن. نيل ۽ سنڌوندي هڪجهڙيون سمجهيون وينديون هيون. نيل کي ست منهن هئا، انڪري هن چيو ته سنڌو کي به ست منهن هوندا. ٻئي طرف گنگا کي ڊينيوب سان مشابهت ڏئي پنج منهن ڏنا ويا. سڪندر جي وقت کان ٽالمي تائين سنڌو کي به وڏا منهن ۽ شايد ٻه ننڍا منهن هجن. ستن منهن پورا ڪرڻ لاءِ حب، پورالي ۽ هنگول ندين کي ٽالمي سنڌو درياه جون شاخون تصور ڪيون. اها غلطي هن کان اڳ هلندي پئي آئي. باربريڪان يا پنيور وچين شاخ تي ڏيکاريو ويو.

۱۹ صدي ۾ سنڌو درياه کي ست منهن هئا ۽ انڪري باربريڪان جي تلاش ٺٽي جي قريب شروع ڪئي ويئي. دراصل باربريڪان سنڌوندي جي اولهه واري شاخ تي موجود هو، جيئن مون پنهنجي مضمون International trade of Sind 200 B. C-200 A. D ۾ نقشن جي مدد سان ڏيکاريو آهي. اها غلطي انڪري ٿي جو ٽالمي ٻه ماخذ استعمال ڪيا هڪ نيئرڪس ۽ ٻيو سڪندر جا اهي داستان جي تاريخي نه هئا، پر رنگ‌آميز (Romantic) قصا هئا.

ٽالميءَ جو سنڌ جو نقشو، سنڌ جو قديم ترين نقشو آهي. سندس سنڌ جي جاگرافيءَ متعلق بلڪل گهٽ ڪم ٿيو آهي. لئمبرڪ History of Sind, Vol I ۽ ايگرمانٽ (Eggermont) جي ڪتاب "Alexander's Campaign in Sind and Baluchistan" ۾ جي حوالا آهن سي سندس جاگرافيءَ تي پوري روشني نٿا وجهن. سندس جاگرافيءَ جي صحيح مطالع لاءِ استرابو (Strabo)، پيريپلس (Periplus) ۽ سڪندر جي تاريخ نويسن جي گهري مطالع ڪرڻ جي ضرورت آهي.

## (۲۲) جسٽينس

جسٽينس (Justinus) ٽين صدي عيسويءَ ۾ زنده هو. هن سڪندر اعظم تي ڪتاب لکيو، جنهن ۾ پامپيس ٽروگس (Pompius Trogus) جي ڪتاب جا حصا ڪم آندا اٿس. ٽروگس جو ڪتاب جو ۴۴ جلدن ۾ هو، گم ٿي چڪو آهي، پر ان جو پتو ۽ تت جسٽينس جي ڪتاب مان ملي ٿو. اها تاريخ حقيقتن تي نه، پر قصن، ڪهاڻين ۽ روماني آکاڻين تي مبني آهي. پر ڪتاب ۾ ڪي حصا آهن جي تاريخي معلوم ٿين ٿا، مثلاً چندر گپتا جو سڪندر جي روانگي بعد ملڪ جي ڪنهن حصي تي قبضو ڪرڻ وغيره.

سنڌ متعلق جيڪي حصا آهن انهن جو ترجمو مڪرنڊل پنهنجي ڪتاب Invasion of India by Alexander the great, London 1896 ۾ ڇپرايو.

## (۲۳) ايرين

ايرين (Flavius Arrianus or Arrian) ٻي صدي عيسويءَ جو يوناني تواريخ نويس ٻٿانيا (Bithynia) صوبي جي شهر نڪوميڊيا (Nicomedia) ۾ پيدا ٿيو. رومن حڪومت جي دور ۾ پهريائين قانصل، بعد ۾ شهنشاه هيڊرين (Hadrian) جي دور ۾

(5) Carter G.E.L., Ptolemy's Geography of Sind. Jour. Anthropological Society. Bombay, 1922.

(6) Charlesworth M.P. Trade routes and commerce of Roman Empire, Cambridge, 1926.

(7) Charpentier. Tr. Travels of Appollonius of Tyana.

(8) Cleitarchus of Alexandria. Fragments In Curtius Rufus.

(9) Conybeare, F.C. See Appollonius of Tyana.

(10) Curtius Rufus Quintus. English Translation of History of Alexander by:

(a) Mc Crindle John Watson. Extracts in, invasion of India by Alexander the Great. Westminister, 1896.

(b) Mc Queen. In Latin Biography ed. T. A. Dorey. London, 1967.

(c) Rolfe J. C Q. Curtius Rufus. History of Alexander. Books I–V, Vol. I. London, 1971 and books V–X. Vol. II. London. 1972.

(11) Diodorus Sicilus. English translation of the fragments by:

(a) Mc Crindle John Watson. Extracts in, Invasion of India by Alexander the Great. Westminister, 1896.

(b) Oldfather C. H. London 1933, (Loeb Classical Libarary).

(c) Welles Bradford C. Diodorus of Sicity. Vol. 8. London, 1963. (Loeb Classical Libarary).

(12) Eggermont P. H. L. Alexander's Campaigns in Sind and Baluchistan. Leuren, Univ. Press, 1976.

(13) Eratosthenes. Extracts in Strabo and Ptolemy.

(14) Gilmore, J. L. (ed.) Fragments of Ctesiaso. London, 1888.

(15) Herodotus. Histories English translation by:

(a) Rawlinson and J. G. Wilkinson. History of Herodotus. 4 volumes, London, 1875.

(b) Macaulay G. C. History of Herodotus. London, 1904.

(c) Hude. K. Herodotus History. 2 volumes. London, 1927.

(d) Selincourt, Aubrey de. Histories. London, 1954.

(16) Jones H. L. The Geography of Strabo, Vol. I–VII. London, 1917–1933. (Loeb Classical Libarary).

(17) Justinus Marcus Jumianus. Epitome of Historiae Philipicae of Pompeius. Extracts in Mc Crindle's Alexander the Great, Westminister, 1896.

(18) Lambrick, H. T. History of Sind Series, Vol II, Sind before Muslim conquest. Sindhi Adabi Board Hyderabad, 1973.

(19) Mc Crindle, John Watson, Commerce and Navigation of Erythraean Sea, being translation Periplus Naris Erythae. Calcutta, 1879.

(20) ..................................., Ancient India as described by Ktesia. India Antiquary, Bombay, 1882.

(21) ..................................... Ancient India as described in Classical literature. 2nd edition, Calcutta, 1927.

(22) Megasthenes. Fragments of Indika of Megasthenes, English translation by Mc Crindle John Watson, in Ancient India as described by Megasthenes and Arrian. London, 1877. Reprinted in Indian Antiquary, 1885.

(23) Miller, J. Innes. The Spice trade of Roman Empire. Oxford, 1969.

(24) ............ Walter, Cyropadia. 2 volumes. London, 1970.

(25) Nearchus. The Journal of Nearchu's. English translation by:

(a) Vincent, Rev. William. Dessertations on the vovage of Nearchus. London, 1997.

(b) Mc Crindle John Watson. India as described by Megasthenes and Arrian. London, 1877.

(c) Tomasche. Topographische Erlanterung der Kuston fahrt Nearchusvom Indus, biszum Eu phrat. Vol XXI. Wien, 1890. English translation by Pansdoc Karachi. (M. S with M. H. Panhwar).

(26) Panhwar, M. H. Chronology of Sind from the fall of Mohenjo Daro to the Arab conquest. Jour. Sind Quarterly, Vol. II, No. 1, Karachi, 1976.

(27) ...................................... Influence of Ancient Sciences including those of Sind on Al-Razi. Jour. Sindhology, Summer, 1977.

(28) ...................................... International trade of Sind, from its port of Barbaricon (Banbhore), 200 B. C – 200 A. D. Jour. Sindhology, Winter, 1980.

(29) Perrin B. Plutarch's Lives. Vol. 7. London, 1919.

(30) Pliny, Gais Secondus. Natural History translation by H. Rackham, Vol. I and II, London, 1967 (Loeb Classical Libarary).

(31) Plutarch. Lives. English translation by:

(a) Langberne, J. W. Plutarch's Lives. Edinburg, 1875.

(b) Mc Crindle John Watson. Extracts in Invasion of India by Alexander the Great. Westminister, 1896.

(c) Perrin B. Plutarch's Lives. Vol. 7. London, 1919. (Loeb Classical Libarary).

(d) Fuller, Edmund, Plutarch's Lives of Noble Greeks. London, 1968.

(e) Scott-Kilvert, Ian-Plutarch. The Age of Alexander the Great. London, 1973.

(32) Ptolemy, Claudius. In Mc Crindle John Watson's, Ancient India as described by Ptolemy. Bombay, 1884. Reprint Indian Antiquary, Vol. XIII, Bombay, 1884.

(33) Rackham H. Pliny, Natural History. Vol. I and II. London, 1967. (Loeb Classical Libarary).

(34) Rawlinson A. G. India and Western World from the earliest times to fall of Rome. 2nd edition, Cambridge, 1926.

(35) Rennell, James, F. R. Geographical system of Herodotus. London, 1830.

(36) Rolfe, J. C. Q. Curtius Rufus, History of Alexander. Books I–V, Vol. I, London, 1971. Books VI–X, Vol–II, London, 1972 (Loeb Classical Libarary).

(37) Scoff, W. H. The Periplus of Erythraean Sea. Philadelphia, 1912.

(38) Toussaint, Auguste. History of Indian Ocean. London, 1966.

(39) Warmington, E. H .Commerce between Roman Empire and India. Cambridge, 1928.

(40) Warner, Rex. tr. The Persian Expedition of XL/C. London, 1972.

(41) Wells, C. Braford.] Diodorus of Sicity. Vol. 8, London, 1963. (Loeb Classical Libarary).

(42) XL/C. The Persian Expedition. English Translation by, Rex Warner, new edition, London, 1972.



آءٌ انهن ۾ آهيان لنگهي ۽ لوري،
لنگهائين لطيف چئي ترن جا توري،
آهيان ازوري، تنهن جي جوري جبل لنگهيان.

لسان‌الغيب غالب مرحوم به فرمائي ٿو ته:

"اس کي امت سے هون ميں،
ميرے رهين کيون کار بند،
واسطے جس شهه کے غالب گنبد به در کهلا".

اردو ٻوليءَ ۾ به قريباً سڀني شاعرن حضور جي ثناخواني ڪئي آهي. مرحوم مولانا ظفرعلي‌خان (وفات ١٩٥٦ع) پنهنجي هڪ شعر ۾ نبيءَ سان محبت جو اظهار هن نمولي ڪري ٿو.

"نماز اچهي، حج اچها، روزه اچها اور زکواة اچهي،
مگر مين باوجود اس کے مسلمان هو نهين سکتا،
نه جب تک کٽ مرون مين خواجه يثرب کي عزت پر،
خدا شاهد هے کامل ايمان ميرا هو نهين سکتا.

۽ لطيف ساڳيءَ مفهوم ۾ گهڻو اڳ فرمايو آهي ته:

"روزا ۽ نمازون اي پڻ چڱو ڪم،
او ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسين پرينءَ کي".

۽ علامه اقبال مرحوم پنهنجي هڪ فارسي بيت ۾ حضور جي شان ۾ چوي ٿو ته:

اے ظهور تو شباب زندگي
جلوات تعبير خواب زندگي
در جهان شمع حيات افروختي
بندگان را خواجگي آموختي".

نيز: "عمرها در کعبه و بتخانه مي نالد حيات
تا ز بزم عشق يک داناء راز آيد برون".

اللهم صل علي مولانا محمد و علي آل محمد و بارک وسلم.

## (٧) تحفة التائبين (٣٥)

هن ڪتاب ۾ اسان جي مصنف الله تعاليٰ جي حضور ۾ توبهه گهرڻ لاءِ قابل قبول دعائن کي قلمبند ڪيو آهي. هيءُ ڪتاب اڃا تائين نه ڇپيو آهي. افسوس جو مٿي ذڪر ڪيل ڪتاب وانگر هن ڪتاب جو اسان کي قلمي نسخو به نه ملي سگهيو آهي.

## (٨) رسالة في ذکر کيفيات الصلواة (٣٦)

هن ڪتاب ۾ اسان جي مصنف، نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم تي صلواتن جا بهتر نمونا ڪولي بيان ڪيا آهن. هيءُ ڪتاب اڻ ڇپيل آهي. هن ڪتاب جو به افسوس ته اسان کي ڪو سراغ نه مليو آهي.

## (٩) قوت العاشقين (٣٧)

مخدوم صاحب عاشقِ رسول صلي الله عليه وسلم هو. هن ڪتاب ۾ اسان جي مصنف رسول اڪرم صلعم جا فضائل ۽ معجزا بيان ڪيا آهن. ڪتاب جي هڪ ڀاڱي ۾ فضائل ۽ ٻئي ڀاڱي ۾ معجزات النبي صلعم آهن. ٻئي ڀاڱي ۾ رسول اڪرم صلعم جا ١٨٦ معجزا بيان ڪيا اٿس.

هيءُ ڪتاب پهريائين بمبئي ۾ ڇپيو، ليڪن ڇڱي وقت کان اڻ لڀ ٿي ويو هو. پوءِ مرحوم خانبهادر محمد صديق ميمڻ ١٩٥٠ع ۾ مسلم اد بي پريس حيدرآباد مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

ٻئي ڀاڱي (معجزات النبي صلعم) جو هڪ قلمي نسخو شاهه ولي الله اورينٽل ڪاليج منصوره ۾ مئي ١٩٧٨ع ۾ نظر مان گذريو آهي. ڪتابت جي سال ۽ ڪاتب جو نالو به لکيل نه آهن. ڪن صفحن تي لفظ مٽجي ويا آهن.

## (١٠) قصيدة جيمية

مخدوم صاحب الله جي پياري رسول محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جي شان ۾ هڪ بهترين قصيدو لکيو آهي، جنهن جو قافيه "جيم" آهي ۽ آن ڪري ئي قصيدة جيميّة جي نالي سان سڏجي ٿو.

هن قصيدي جو مخطوط نسخو اڳوڻي صورتخطيءَ ۾ محترم شيرمحمد نظاماڻي ساڪن ٽنڊو قيصر جي ذاتي ڪتبخاني ۾ نظر مان گذريو آهي. قصيده جي ٻولي نهايت سليس، جاذب ۽ عام فهم آهي. تبرڪ طور چند ابتدائي ۽ آخري مصراعون لکجن ٿيون: ع

(الف) ابتدائي مصراعون:

اي خاصا دوست خدائجا حضرت هٿ ونيج
توريءَ تاري ناهه ڪا يا رسول رسيج
فريادون فقير جون سونهارا سٽيج

# مـــاخــذات

## (الف) مطبوع


١. بذل القوة في حوادث سني النبوة، تصنيف مخدوم محمد هاشم، تحقيق و مقدمة مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد. پهريون ڇاپو ١٩٦٦ع.
٢. تفسير هاشمي، پاڱو پهريون. تصنيف مخدوم محمد هاشم. موجوده صورتخطي ۾ آڻيندڙ: محمد يوسف ابڙو. قرآن پريس، حيدرآباد ١٩٧٠ع.
٣. بناء الاسلام. تصنيف مخدوم محمد هاشم. موجوده صورتخطي ۾ آڻيندڙ: محمد يوسف ابڙو. فردوس پريس حيدرآباد ١٩٧٠ع.
٤. سنڌ جي ادبي تاريخ، محمد صديق ميمڻ. آر-ايڇ- احمد اينڊ برادرس. جمالي پرنٽنگ پريس، حيدرآباد سال ١٩٦٧ع.

## (ب) مخطوطات

١. تفسير هاشمي، تصنيف مخدوم محمد هاشم، ذاتي ڪتبخانو محترم شيرمحمد نظاماڻي مرحوم.
٢. معجزات النبي، تصنيف مخدوم محمد هاشم، ڪتبخانو شاه ولي الله اورينٽل ڪاليج، منصوره.
٣. قصيدة جيمية: تصنيف مخدوم محمد هاشم، ذاتي ڪتبخانو محترم شيرمحمد نظاماڻي مرحوم.




قريشي حامد علي "خانائي"

# سنڌي زبان جا ادبي ماهوار رسالا

## (سن ١٨٥٥ع کان ١٩٥٥ع تائين)

اوائلي دؤر ۾ صحافت جو مقصد صرف اهو هو تہ سرڪاري، غير سرڪاري ۽ ملڪي خبرن کي عوام تائين پهچايو وڃي ۽ ساڳي وقت هو انهن جي پس منظر کان بہ واقف ٿين. انهيءَ سان اهو بہ مقصد هو تہ ملڪي ماڻهو حاڪم جي هر انهيءَ پاليسيءَ کان واقف ٿين، جيڪا هو ملڪ لاءِ تيار ڪري ٿو. انهيءَ سان گڏوگڏ ان دؤر جي "صحافت" جو اهو بہ مقصد هو تہ عوام دنيا جي نين ڦيرين گهيرين ۽ جديد سائنسي علمن ۽ فنن کان بہ روشناس ٿئي. انهن مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ان دؤر جي هر اخبار ۾ اڪثر ڪري 'خبرن' سان گڏ سياسي عنصر پڻ گهڻو شامل ٿيندو ويو. انهيءَ لحاظ کان "صحافت" جي ڄاڻو حلقن ان کي ٻن حصن ۾ ورهايو: هڪ اخبارون، ۽ ٻيو ادبي رسالا. ادبي رسالن کي صرف علم و ادب، تحقيق، سائنسي ۽ معلوماتي مضمونن ۽ مقالن لاءِ مخصوص ڪيو ويو.

سنڌي صحافت جي شروعات انگريزن جي دور حڪومت ۾ ٿي ۽ تاريخي لحاظ کان ان جي باقاعدي ابتدا اڻويهين صديءَ جي ٻوئين چوٿائيءَ ۾ ٿئي ٿي. (١) ان دؤر ۾ سنڌي زبان ۽ ادب تي انگريزي ادب جو وڏو اثر پيو، ۽ "صحافت" پڻ ان اثر کان ڪافي متاثر ٿي. سنڌ جي عالمن، اديبن ۽ شاعرن جي خيالن، فڪرن ۽ ذهنن ۾ هڪ وڏو نئون انقلاب آيو. انهيءَ ڏس ۾ سنڌ جي سياست، سماج ۽ تعليم وغيره جي ميدان ۾ سنڌي زبان جي اخبارن ۽ رسالن وڏو نمايان حصو ورتو ۽ ان سان گڏ ساڳي وقت سنڌي ٻوليءَ جي ڦهلاءَ، ان جي ترقي ۽ علم ادب جي واڌاري لاءِ پڻ سنڌي رسالن ۽ اخبارن گهڻو رهبريءَ ۽ رهنمائيءَ جو ڪم ڪيو ۽ ان ڏس ۾ ڪافي ڪاميابي حاصل ڪئي.

انگريزن جي دؤر حڪومت ۾ سنہ ١٨٥٣ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي نئين "رسم الخط" جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ سنڌي نثر جي باقاعدي شروعات ٿي. (٢) سنڌي ٻوليءَ کي سنڌ ۾ عام ڪرڻ ۽ ان ۾ ابتدائي تعليم ڏيڻ لاءِ سموريءَ سنڌ ۾ اسڪول کوليا ويا، ۽ ان ساڳي زماني ۾ سنڌ اندر ڇاپخانن ۽ پريس جو رواج پڻ جاري ٿيو. (٣) نئين سنڌي لپيءَ کي سنڌ ۾ رائج ڪرڻ لاءِ، ان وقت جي اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندڙ مواد سنڌ جي ماڻهن کي

نالي سان ماهوار ادبي رسالو جاري ڪيو. ان دؤر جي انگريز سرڪار جي خلاف طنزيہ مضمون لکڻ ڪري ”مخلص“ قانوني عتاب هيٺ آيو ۽ پاڻ روپوش ٿي خانہ بدوش زندگي گذارڻ لڳو. جوڌپور، بيڪانير ۽ ناگپور رياستن ۾ ”حڪيم ناصر علي“ جي فرضي نالي سان روپوشيءَ جي حياتي گذارڻ لڳو. (١٧)

## (١٠) بهار اخلاق:

پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو تہ ويهين صديءَ جي پهرئين ڏهاڪي ۾ محمد هاشم ”مخلص“ هڪ قابل مذاقي ۽ طنزي مصنف هو. سن ١٩٠٥ع ۾ ”بهار اخلاق“ نالي رسالو حيدرآباد ضلعي جي ٽنڊي شهر مان علامہ سيد اسدالله شاهہ ”فدا“، مصنف ”هديہ اسديہ“ جي سرپرستيءَ هيٺ نڪرندو هو. هن جي باري ۾ پڻ چوڻ ۾ اچي ٿو تہ محمد هاشم ”مخلص“ پنهنجي گمناميءَ واري زندگيءَ ۾ هن جو ايڊيٽر هو. هن رسالي ۾ معياري، علمي ۽ ادبي نثر ۽ نظم ڇپجندو هو. (١٨)

## (١١) جعفر زٽلي:

سن ١٩٠٩ع ۾ رئيس غلام محمد ڀرڳڙيءَ جي مدد سان محمد هاشم ”مخلص“ ’جعفر زٽلي‘ جي نالي سان هڪ رسالو ٽنڊي مان جاري ڪيو. هيءُ رسالو پريميئر اسٽيم پريس حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپبو هو. هيءُ رسالو سنڌي زبان جي مزاحيہ ۽ طنزيہ ادب جو نمائندہ دفتر هو. هن رسالي جو گمنام ايڊيٽر ماستر عبدالرحيم ”شائق“ هو. چون ٿا تہ ماستر عبدالرحيم ”شائق“، ”مخلص“ مرحوم جو ڀائٽيو ۽ نائي هو.

## (١٢) ڪچڪول:

هيءُ رسالو پڻ محمد هاشم ”مخلص“ جي ايڊيٽريءَ هيٺ نڪرندو هو. سن ١٩٠٩ع ڌاري پريميئر اسٽيم پريس حيدرآباد سنڌ مان شايع ڪيو ويندو هو. هيءُ رسالو ١٣ صفحن تي مشتمل هوندو هو. هن رسالي ۾ بہ ”مخلص“ پنهنجي ظرافت ۽ شعر و شاعريءَ جا وڏا جوهر ڏيکاريا.

## (١٣) الاسلام:

سال ١٩١٣ع ۾ علمي، ادبي، ديني ۽ اسلامي تعليم جي تبليغ ۽ اشاعت جي سلسلي ۾ سنڌي زبان ۾ ”الاسلام“ نالي هڪ ماهوار رسالو ڪراچيءَ مان جاري ڪيو ويو. هيءُ رسالو ٣٢ صفحن جو نڪرندو هو ۽ ڪراچيءَ جي حميديہ پريس مان شايع ڪيو ويندو هو. مولانا حڪيم فتح محمد ”صغير“ سيوهاڻي ان جو سرپرست هو. هن رسالي جو ايڊيٽر محمد عبداللطيف هو. مخدوم محمد صالح ڀٽي پڻ ڪجهہ وقت لاءِ ماستريءَ جي اوائلي دؤر ۾ هن رسالي جو ايڊيٽر ٿي رهيو هو. هن رسالي ۾ اعليٰ درجي جا اسلامي، علمي، ادبي ۽ معلوماتي مضمون شايع ٿيندا هئا. محمد هاشم ”مخلص“، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، مولوي محمد عثمان نورنگزادہ ۽ ٻين ڪهنہ مشق شاعرن ۽ اديبن جون علمي ۽ معياري تحريرون هن رسالي ۾ ڇپجنديون رهنديون هيون.

هن مخزن جي پاليسي پڻ ساڳي "تعليم اخبار" رسالي واري هئي. هيءُ رسالو ڪمشنر پريس ڪراچيءَ مان شايع ٿيندو هو.

### (٢١) اخلاقي تعليم:

ديوان ڏيئومل محبوبراءِ سنہ ١٩٢١ع ۾ "اخلاقي تعليم" جي نالي ٻاراڻو ماهوار رسالو ڪڍيو. هن رسالي ۾ صرف ٻارن جي معيار جو سنڌي ادب پيش ڪيو ويندو هو. ٻاراڻي ادب ۾ هيءُ رسالو تمام اهم هو ۽ سنہ ١٩٣٧ع تائين برابر هليو.

### (٢٢) روح رهاڻ:

سنڌ جي مشهور اديب، قومي ۽ ملڪي خدمتگار، صوفي ۽ ٿياسافسٽ سرگواسي جيٺمل پرسرام گلراج، ٿياسافي ۽ تصوف جي پيغام کي عام ڪرڻ لاءِ "روح رهاڻ" نالي سنڌي زبان ۾ هڪ ماهوار رسالو سنہ ١٩٢٣ع ۾ جاري ڪيو. مرزا نادربيگ هن رسالي جو نائب ايڊيٽر هو. هن رسالي ۾ قرآن، گيتا، تصوف، ويدانت، ٿياسافي ۽ روحانيت جي باري ۾ چڱا معياري مضمون شايع ٿيندا رهندا هئا. سال ١٩٤٢ع تائين باقاعدگيءَ سان هلندو رهيو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌس پٽ اهو ساڳيو رسالو بمبئي (ڀارت) مان ٻه ڪجهه وقت ڪڍندو رهيو.

### (٢٣) گلدستو:

"بزم مشاعره" لاڙڪاڻي جي سهاري هيٺ سنہ ١٩٢٣ع ۾ "گلدستو" نالي هڪ ماهوار رسالو جاري ڪيو ويو. هن رسالي ذريعي موزون شاعري ڪافي ترقي ڪئي، ۽ منجهس عمدا ۽ معياري مضمون پڻ شايع ٿيندا رهندا هئا.

### (٢٤) شيوا:

سال ١٩٢٣ع ۾ مهراج سنپورام، شيام سندر پريس شڪارپور سنڌ مان "شيوا" نالي سنڌيءَ ۾ هڪ رسالو ڪڍيو. هن رسالي ۾ اڪثر مذهبي، اخلاقي، علمي ۽ ادبي مضمون شايع ڪيا ويندا هئا.

### (٢٥) ودِيا:

سال ١٩٢٣ع ڌاري حيدرآباد سنڌ مان ديوان نرملداس ڏرمداس گربخشاڻي "وديا" نالي هڪ ماهوار رسالي جي شروعات ڪئي. هن رسالي ۾ اڪثر سنڌي ليکڪن جون ڪهاڻيون شايع ٿينديون هيون.

### (٢٦) سندر ساهت:

سال ١٩٢٤ع ۾ ديوان ميلارام واسواڻي حيدرآباد سنڌ مان "سندر ساهت" نالي رسالو جاري ڪيو. هن رسالي ۾ ديسي آکاڻين جا ترجما شايع ٿيندا هئا. ميلارام صاحب سنڌيءَ ۾ هڪ ٻيو رسالو ٻه ڪڍندو هو، جو "گل ڦل" جي نالي سان ادبي دنيا ۾ مشهور هو.

### (٢٧) سنڌ شيوڪ :

ساهتي پرڳڻي جي قديم تاريخي شهر نوشهرو فيروز جي رهواسي ديوان تولارام ٻالاڻي سن ١٩٢٣ع ڌاري "سنڌ شيوڪ" نالي رسالو ڪڍيو. پهريائين هيءُ رسالو ماهوار هو، پر پوءِ ان کي هفتيوار بنايو ويو. تولارام ٻالاڻي پرائمري استاد هو ۽ سنڌيءَ ۾ شاعري ڪندو هو. سندس تخلص "عاجز" هو.

### (٢٨) ترقي :

ساهتي پرڳڻي جي موري شهر جي قاضي خاندان مان مرحوم مولوي عبدالخالق "خليق" مورائيءَ سن ١٩٢٤ع ۾ ڪراچيءَ مان "ترقي" نالي سنڌيءَ ۾ هڪ ماهوار رسالو جاري ڪيو هو. هيءُ هڪ قومي، مذهبي، اخلاقي ۽ تبليغي نوعيت وارو رسالو هو.

### (٢٩) عندليب :

سال ١٩٢٤ع ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي 'نئون ديرو' ڳوٺ مان ميان ولي محمد پٺو "اسير"، "عندليب" نالي سان هڪ ماهوار رسالو ڪڍندو هو.

### (٣٠) ڦليلي :

حيدرآباد سنڌ جي ڏيارام گدومل ڪاليج مان سن ١٩٢٤ع ۾ انگريزي ۽ سنڌيءَ ۾ "ڦليلي" جي نالي سان رسالو ڪڍيو ويو. هن رسالي ۾ سنڌ جي بهترين ڪهاڻيڪارن جون ڪهاڻيون ۽ بلند پايه جا مضمون شايع ٿيندا هئا. سن ١٩٤٥ع ۾ هن رسالي جو ايڊيٽر مسٽر خوشيرام واسواڻي هو. هن وقت اهو ئي ڪاليج "گورنمينٽ ڪاليج" جي نالي سان قائم آهي ۽ هن ڪاليج مان "ڦليلي" جي ساڳي نالي سان هر سال ڪاليج مخزن نڪرندي رهندي آهي.

### (٣١) الجامع :

اسلامي تعليم ۽ تبليغ جي سلسلي ۾ مولانا حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جي ايڊيٽريءَ هيٺ سال ١٩٢٥ع مطابق ١٣٣٣هه ۾ الوحيد پريس ڪراچيءَ مان "الجامع" نالي سنڌيءَ ۾ رسالو شايع ڪيو ويندو هو. هن رسالي ۾ اسلامي تصوف، اسلامي عقيدن ۽ معاشري جي اصلاح جا مضمون ڇپجندا رهندا هئا.

### (٣٢) ٻاراڻيون ٻوليون :

پروفيسر نارائڻداس ملڪاڻي سن ١٩٢٦ع ۾ "ٻارائيون ٻوليون" نالي هڪ رسالو ڪڍيو. هيءُ رسالو خاص ٻارن ۾ ادبي رجحان پيدا ڪرڻ لاءِ جاري ڪيو ويو. هن رسالي ۾ ٻارن جي ڏالوَ جو ادب ڇپجندو هو.

### (٣٣) ٻارن لاءِ آکاڻيون :

پروفيسر نارائڻداس ڀمڀاڻي سال ١٩٢٦ع ڌاري هڪ باتصوير رسالو ٻارن لاءِ جاري ڪيو. هن رسالي ۾ وندرڻ ۽ نصيحت آميز آکاڻيون ڇپيون هيون.

**(٣٤) البلاغ المبين:**

هن رسالي جو ايڊيٽر خاڪسار صاحبداد خان هو. سال ١٩٢٦ع ۾ هيءُ رسالو ٺهلرام ڇيترام گروناڻڪ پريس شڪارپور مان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. هيءُ رسالو خالص مذهبي ۽ ديني تبليغ جو رسالو هو. هن ۾ مذهب، اسلام ۽ اسلامي تاريخ تي مضمون شايع ڪيا ويندا هئا.

**(٣٥) مطالبهء حق:**

هيءُ رسالو پڻ مولانا صاحبداد خان سن ١٩٢٦ع ۾ شڪارپور سنڌ مان جاري ڪيو. هيءُ ٢٣ صفحن جو رسالو هوندو هو ۽ ريلومل اليڪٽرڪ پريس شڪارپور مان شايع ڪيو ويندو هو. هن رسالي ۾ مذهبي، تاريخي ۽ اصلاحي مضمون ڇپبا هئا.

**(٣٦) نصرت حق:**

سن ١٩٢٦ع ۾ مولانا صاحبداد خان هيءُ رسالو سنڌ جي آريہ سماجن جي خلاف ستيارٿ پرڪاش جي جواب ۾ جاري ڪيو هو. مولانا صاحب جو هيءُ رسالو الحنيف پريس سلطان ڪوٽ مان ٤٦ صفحن تي ڇپجي پڌرو ٿيندو هو. هن رسالي ۾ زياده تر آريہ سماجن جي خلاف جواب ڏنل هوندا هئا ۽ ان سان گڏ مذهبي، تاريخي ۽ اخلاقي قسم جا مضمون بہ ڇپجندا هئا.

**(٣٧) الحزب:**

سن ١٩٢٧ع ۾ سنڌ جي نامور اديب، محقق ۽ صحافي مولانا دين محمد ”وفائي“ هيءُ رسالو لاڙڪاڻي مان جاري ڪيو. هن رسالي جو ايڊيٽر محترم پير علي محمد شاهہ راشدي هو. مرحوم مولانا غلام محمد گراميءَ جي قول موجب هيءُ رسالو سکر مان نڪرندو هو.

**(٣٨) توحيد:**

مولانا دين محمد ”وفائي“ سال ١٩٢٧ع ۾ ”توحيد“ نالي سنڌيءَ ۾ هڪ رسالو جاري ڪيو. هيءُ رسالو الوحيد پريس ڪراچيءَ مان شيخ عبدالسلام اڏارام شايع ڪندو هو. هن رسالي جي اشاعت جو مقصد پهريائين صرف ديني تبليغ جو هو، پر بعد ۾ ان کي علمي ۽ ادبي رسالو بنايو ويو.

**(٣٩) گلستان:**

ساهتيہ جو مشهور اديب منوهرداس ڪوڙومل حيدرآباد سنڌ مان سال ١٩٢٨ع ۾ ”گلستان“ نالي رسالو ڪڍندو هو. هيءُ رسالو سماهي هو. هن رسالي ۾ سنڌي زبان جا عمدا ۽ معياري مضمون پوندا هئا.

**(٤٠) سماج:**

سال ١٩٢٨ع ڏاري سوامي گووندانند سکر مان ”سماج“ نالي سنڌيءَ ۾ رسالو ڪڍيو. (٣٢)

**(۴۱) الراشد:**

سال ۱۹۲۸ع ۾ سنڌ جي ممتاز عالم، اهل قلم ۽ باڪمال صحافي جناب پير علي محمد شاهه راشديءَ "الراشد" نالي هڪ مخزن اخباري نموني ۾ سکر مان جاري ڪئي. منجهس اعليٰ درجي جا تاريخي ۽ معلوماتي مضمون ۽ شعر ڇپجندا هئا. (۲۳)

**(۴۲) المنار:**

سکر مان "المنار" نالي هڪ ماهوار ادبي رسالو سن ۱۹۳۰ع ۾ جاري ڪيو ويو. هن رسالي جو پهريون ايڊيٽر ميان عبدالرحيم "آزاد" هو، (۲۴) ۽ حافظ عبدالحميد هن رسالي جو پرنٽر ۽ پبلشر هو، ۽ آخر ۾ هو خود رسالي جو ايڊيٽر ٿيو. محترم پير علي محمد شاهه راشدي ۽ محترم پير حسام الدين راشدي هن رسالي جا خاص لکندڙ هوندا هئا.

**(۴۳) ڦلواڙي:**

سن ۱۹۳۰ع ۾ امرلعل هنگوراڻي "ڦلواڙي" نالي سنڌي زبان ۾ هڪ رسالو جاري ڪيو. هن مخزن ۾ سنڌ ۾ بهترين لکيل ڪهاڻيون شايع ٿينديون هيون. "ادو عبدالرحمان" هنگوراڻي جي مشهور ڪهاڻي پهريائين "ڦلواڙي" ۾ شايع ٿي هئي. اها ڪهاڻي بعد ۾ انگريزي زبان ۾ ترجمو ٿي، ڀارت ۾ ڇپي. (۲۵)

**(۴۴) علمي دنيا:**

سن ۱۹۳۰ع ۾ مولانا عبدالرزاق "علمي دنيا" نالي هڪ رسالو ڪراچيءَ مان ڪڍيو. هن رسالي ۾ مذهبي، علمي ۽ ادبي مضمون پوندا هئا. مولانا عبدالرزاق ان ساڳي سال ۾ "ڪاميابي" نالي رسالو ب ڪراچيءَ مان جاري ڪيو هو.

**(۴۵) الاسلام:**

سلطان ڪوٽ ضلعي سکر سنڌ مان سال ۱۹۳۰ع ۾ مولانا صاحبداد خان هڪ ماهوار رسالو "الاسلام" نالي جاري ڪيو. هن رسالي ۾ خالص مذهبي نموني جا مضمون شايع ٿيندا هئا.

**(۴۶) الهمايون:**

سال ۱۹۳۰ع ۾ مولانا صاحبداد خان "الهمايون" نالي هڪ رسالو جاري ڪيو. ۲۴ صفحن جو هيءُ رسالو ديال سنگ پرنٽنگ پريس شڪارپور سنڌ مان ڇپرو ڪيو ويندو هو. هن رسالي ۾ مذهبي ۽ اسلامي مضمون شايع ڪيا ويندا هئا.

**(۴۷) گلستان:**

مسٽر رام پاونداس موٽواڻي "ٻالڪن جي ٻاري" جي سهاري هيٺ سن ۱۹۳۰ع ڌاري لاڙڪاڻي سنڌ مان "گلستان" نالي هڪ ٻاراڻي ادب جو رسالو جاري ڪيو. هن رسالي ۾ ٻارن جي دلچسپيءَ جون ڪهاڻيون ۽ ٽوٽڪا ڇپيا هئا.

## (۴۸) سنڌو:

سال ۱۹۳۲ع ۾ سنڌ ۾ سنڌي زبان ۽ ادب جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ هڪ تحريڪ هلي. انهيءَ تحريڪ جي شروعات مسٽر ٻولچند راجپال صاحب ڪان ٿي. مسٽر ٻولچند "ميان" جي ڳوٺ تعلقي شڪارپور جو وينل هو ۽ چڱو سرنديءَ وارو هو. هن صاحب پنهنجي دولت جو ڪافي حصو "سنڌي زبان ۽ ادب جي خدمت" لاءِ خرچ ڪيو. هن سنڌي زبان ۾ "ماڊرن ريويو" انگلش ۽ "چاند" هندي رسالي جي طرز تي "سنڌو" جي نالي سان هڪ علمي و ادبي مصور ماهوار رسالو شڪارپور سنڌ مان جاري ڪيو. (۳۶) هن رسالي جا شروعاتي لکندڙ هندو اديب هئا، مگر بعد ۾ مسلمان عالمن، اديبن ۽ شاعرن به ڀرپور حصو ورتو.

"سنڌو" رسالي سنڌي زبان ۽ ادب جي وڏي خدمت ڪئي آهي. هن رسالي جا مکيه ٽي دؤر آهن: پهريون دؤر ۱۹۳۲ع کان ۱۹۴۰ع تائين شمار ٿئي ٿو. هن دؤر ۾ سنڌو رسالي ۾ علمي، ادبي، تاريخي ۽ معلوماتي مضمون ۽ عمدا شعر شايع ٿيندا هئا. سنڌ جا اديب ۽ شاعر هن رسالي ۾ پنهنجا مضمون ۽ شعر ڇپائڻ ۾ فخر محسوس ڪندا هئا. اديبن جي هڪ ڳڙيل جماعت، جنهن ۾ هندو ۽ مسلمان ٻئي شامل هئا، ان رسالي لاءِ هميشه بهترين ۽ عمدا قيمتي مضمون لکندا هئا. مسٽر ٻولچند راجپال رسالي جي ترتيب ۽ ان جي سٽاءَ جي خوبين کي برقرار رکڻ ۾ گهڻي ڪوشش ورتي. "سنڌو" جو ٻيو دؤر سن ۱۹۴۱ع کان ۱۹۴۵ع تائين ليکجي ٿو. هن دؤر ۾ "سنڌو" جو اهو پهريون ظاهري ۽ باطني شان گهٽ ٿي ويو. ڪاغذ جي گرانيءَ سبب "سنڌو" جا صفحا گهٽايا ويا ۽ لکڻ وارن ۾ به اهو اڳيون جذبو ۽ آمنگ باقي نه رهيو. (۳۷) "سنڌو" جو ٽيون دؤر ۱۹۴۶ع کان ۱۹۴۷ع وارو دؤر ڳڻجي ٿو. هن دؤر ۾ علمي ۽ ادبي مضمونن جي بجاءِ سياسي چڪتاڻ وارا اختلافي مضمون ۽ شعر منجهس پوڻ لڳا. ۱۹۴۷ع ۾ هيءُ رسالو آخر بند ٿي ويو. انهيءَ آخرين دؤر ۾ "سنڌو" جو ايڊيٽر ماڌوداس هو. هن صاحب جو گهڻو رجحان سياست طرف هو. "سنڌو" سنڌي زبان ۽ ادب جي لازوال خدمت ڪئي، جا نه وسرڻ جهڙي آهي.

## (۴۹) گلزار:

سال ۱۹۳۲ع ڌاري محمد صديق ميمڻ "گلزار" نالي هڪ رسالو حيدرآباد سنڌ مان ڇپائي جاري ڪيو. هن رسالي ۾ علمي، ادبي ۽ مذهبي مضمون شايع ڪيا ويندا هئا.

## (۵۰) رتن:

مسٽر چوهڙمل ۽ پارومل گلاجي سال ۱۹۳۴ع ۾ "رتن ساهتيه منڊل" جي طرفان "رتن" نالي هڪ ماهوار رسالو جاري ڪيو. هن رسالي سنڌي ادب جي دامن ۾ ڏاڍا معياري ۽ عمدا ڪتاب، ناول ۽ ڪهاڻيون ڏنيون، جي "سنڌي زبان ۽ ادب جا بهترين شاهڪار سمجهيا وڃن ٿا.

**(٥١) مبلغ:**

هن رسالي جو ايڊيٽر سنڌ جو مشهور عالم ۽ قومي ڪارڪن مولوي عبدالحق رباني لصرپوري هو. سال ١٩٣٥ع مطابق ١٣٥٤هه ۾ "مبلغ" نالي هڪ رسالو عباسي اليڪٽرڪ ليٿو پريس، فريئر روڊ ڪراچيءَ مان ڇپائي پڌرو ڪندو هو. هن رسالي ۾ اعليٰ درجي جا مضمون، مذهبي، تاريخي ۽ اصلاحي هوندا هئا.

**(٥٢) نورالاسلام:**

سنڌيءَ جي مشهور عالم، شاعر ۽ صحافي مولوي نورمحمد نظامانيءَ سال ١٩٣٩ع ڌاري حيدرآباد سنڌ مان "نورالاسلام" نالي هڪ ماهوار رسالو جاري ڪيو هو. مولوي صاحب "طيرآ ابابيل" ۽ "مرغ فلڪ" نالي ٻه سنڌيءَ ۾ رسالا ڪڍيا هئا. انهن رسالن جو اڪثر مذهبي رنگ هو.

**(٥٣) آشيانهِ ادب:**

سن ٣٦-١٩٣٥ع ڌاري آغا بدرالدين درانيءَ "آشيانهِ ادب" جي نالي سان هڪ علمي ۽ ادبي رسالو ڳڙهي ياسين ضلعي سکر مان ڇپائي پڌرو ڪندو هو.

**(٥٤) قرآني:**

مولوي عزيزالله ساند هن رسالي جو ايڊيٽر هو. سن ١٩٣٩ع ڌاري عباسي اليڪٽرڪ ليٿو پريس ڪراچيءَ مان ڇپايو ويندو هو. هيءُ رسالو مذهبي نوعيت جو هو ۽ انهيءَ قسم جا بهترين مضمون منجهس ڇپجندا هئا.

**(٥٥) معارف:**

مولوي عبدالخالق ڪنڊياروي هن رسالي جو ايڊيٽر هو. سن ١٩٣٦ع ۾ ڪرشنا ليٿو پريس سکر مان ڇپائي پڌرو ڪندو هو. هن رسالي ۾ مذهبي، علمي، اخلاقي ۽ تاريخ اسلام تي عمدا مضمون شايع ڪيا ويندا هئا.

**(٥٦) مخلص:**

سنڌ جي مشهور شاعر ۽ اديب مرحوم محمد خان "غني" سال ١٩٣٨ع ۾ "مخلص" نالي هڪ رسالو ٽنڊو سنڌ مان جاري ڪيو.

**(٥٧) ڪهاڻي:**

مسٽر ڄڳت آڏوانيءَ سن ١٩٣٩ع ۾ "ڪهاڻي" نالي هڪ رسالو سنڌي زبان ۾ جاري ڪيو. هن رسالي ۾ بهترين ادب ڇپجندو هو. طبعزاد ۽ ترجمو ٿيل ڪهاڻيون شايع ٿينديون هيون. رسالي جي ڇپائي ۽ ترتيب ڏاڍي دلڪش هوندي هئي. منجهس تصويرون به ڏنيون وينديون هيون.

**(٥٨) مجاهد:**

مولوي محمد شفيع سن ١٩٣٩ع ۾ ڪراچيءَ مان "مجاهد" نالي هڪ مذهبي رسالو جاري ڪيو. هيءُ رسالو هڪ سال هلڻ کان پوءِ مالي مشڪلاتن جو شڪار ٿي بند ٿي ويو.

علم ۽ ادب، شعر و شاعريءَ سان گڏ فلم بين نوجوانن جي وندر لاءِ پڻ مواد ڏنو ويندو هو. فلمي ۽ غير فلمي تصويرون پڻ ڏنيون وينديون هيون. هن رسالي جو ايڊيٽر سنڌ جو مشهور شاعر ۽ اديب مرحوم عبدالرحمان "انجم" هالائي هو. محترم "سليم" هالائي به هن رسالي جو ڪجهه وقت ايڊيٽر ٿي رهيو هو. هن رسالي جو "شاعر نمبر" سنه ١٩٥٤ع ۾ ڪڍيو ويو، جو هڪ دستاويزي يادگار آهي.

### (٨٢) قليچ:

سنه ١٩٥٥ع ۾ اداره "قليچ" حيدرآباد سنڌ طرفان "قليچ" نالي هڪ رسالو جاري ڪيو ويو. هن رسالي جو ايڊيٽر مرزا اسد بيگ "اسد" هو. هيءُ رسالو پنجتني پريس حيدرآباد مان ڇپجي پڌرو ٿيندو هو. هن رسالي ۾ زياده تر ڇپيل مواد مرزا قليچ بيگ جي اڻ ڇپيل مضمونن جو هوندو هو. علمي لحاظ کان هيءُ هڪ معياري رسالو هو.

### (٨٣) موحد:

سال ١٩٥٥ع ۾ "موحد" نالي هڪ مذهبي رسالو مير پورخاص مان جاري ٿيو. هن رسالي جو ايڊيٽر سنڌ جو مشهور عالم ۽ قومي ڪارڪن مولانا عبدالحق رباني نصرپوري هو. هن رسالي سنڌ جي مسلمانن ۾ اسلامي تعليم ڦهلائڻ جي سلسلي ۾ چڱو ڪم ڪيو.

### (٨٤) گلدستو:

خيرپور ميرس مان سنه ١٩٥٥ع ۾ هيءُ رسالو ماستر غلام حسين ميمڻ جي ايڊيٽريءَ هيٺ جاري ڪيو ويو. هيءُ هڪ علمي ۽ ادبي رسالو هو.

### (٨٥) ادا:

سال ١٩٥٥ع ۾ نوابشاهه جي نوجوان ترقي پسند اديبن ۽ شاعرن "ادا" نالي هڪ سنڌي رسالو جاري ڪيو. پهريائين هيءُ رسالو پندرهن روزه هو، پر پوءِ ان کي ماهوار بنايو ويو. هن رسالي جو ايڊيٽر محترم گل محمد چنه "سنڌي" هو. هن رسالي ۾ نهايت ئي اعليٰ درجي جا مضمون، شعر ۽ ڪهاڻيون شايع ٿينديون هيون. هن رسالي ذريعي ڪيترائي نوان اديب ۽ شاعر سنڌي ادب ۾ نروار ٿيا، جهڙوڪ: قمر "شهباز"، امر جليل، گل محمد چنه "سنڌي"، "برده" سنڌي، "نظر" سنڌي، ۽ بنده راقم وغيره.

### (٨٦) نئين ڪيٽي:

هيءُ رسالو ١٩٥٥ع ۾ حيدرآباد سنڌ مان شايع ٿيندو هو. هن رسالي ۾ زرعي مسئلن سان گڏ علمي، ادبي، سائنسي، طب ۽ علم نباتات جي باري ۾ نهايت ئي عمدا ۽ معياري مضمون شايع ٿيندا هئا. سنڌي زبان ۾ اهڙي قسم جو هيءُ پهريون رسالو هو. هن رسالي جي شايع ٿيڻ ڪري سنڌ جي زراعت کي وڏي همٿ ملي.

**(۸۷) روح ادب:**

هيءُ رسالو سنڌ جي علمي ۽ ادبي جماعت اداره "روحِ ادب" طرفان سن ۱۹۵۵ع ۾ حيدرآباد مان جاري ڪيو ويو. مخدوم "طالب المولي" صاحب هن جماعت جو سرپرست هو. رسالي جو ايڊيٽر مرحوم محمد خان "غني" هو. هن رسالي ۾ علمي، ادبي، اصلاحي، ديني، تاريخي ۽ تنقيدي مضمون شايع ٿيندا هئا. هن رسالي جا ٻه سٺا دستاويزي نمبر نڪتا، جهڙوڪ: رسول نمبر ۽ شاهه نمبر.

**(۸۸) رهنما:**

هيءُ رسالو "بزم رهنما" نوابشاهه جي سهاري هيٺ سال ۱۹۵۵ع ۾ جاري ڪيو ويو. هن رسالي جو ايڊيٽر عبدالرحمان "انجم" هالائي هو. مسٽر محمدعمر راڄپر ان جو سرپرست هو. هن رسالي جو رنگ ۽ ڍنگ "فردوس" رسالي وارو هو. هيءُ رسالو هڪ سال هلڻ کان پوءِ بند ٿي ويو. (۳۹)

مٿي بيان ڪيل رسالن کان سواءِ سنڌ ۾ ٻيا به ڪيترائي رسالا ۱۹۵۵ع کان پوءِ به نڪرندا رهيا آهن ۽ اڄ تائين نڪرندا رهن ٿا. اسان هن مضمون ۾ تقريباً هڪ صدي جي سنڌي رسالن جو ذڪر ڪيو آهي. دراصل سنڌي ادب جي وڌڻ ۽ ويجهڻ ۾ سنڌ جي ادبي رسالن جو وڏو هٿ رهيو آهي. هن کان پوءِ سن ۱۹۵۵ع کان پوءِ جي دور جي رسالن جو سير حاصل احوال ڪنهن ٻي ادبي محفل ۾ پيش ڪيو ويندو.

## اشارا ۽ واڌارا

(۱) مير شفيع احمد علوي: "ٻهرين سنڌي مخزن" (مقالو)، "مهراڻ جا موتي"، پاڪستان پبليڪيشن، ڪراچي ص ۲۰۵.

(۲) (الف) ايضاً (ب) ڊاڪٽر غلام علي الانا: "سنڌي نثر جي تاريخ"، حيدرآباد سنڌ، ڇاپو ٻهريون ص ۹.

(۳) محمد صديق ميمڻ: "تاريخ سنڌي ادب"، ج ۲، ص ۱۵، ڇاپو سال ۱۹۵۱ع.

(۴) حافظ خير محمد اوحدي: "سنڌي صحافت جي مختصر تاريخ" (مضمون)، 'سکر جي سوکڙي'، سنڌي ادبي سوسائٽي، اسلاميه ڪاليج سکر، ۱۹۶۸ع، ص ۵.

(۵) مير شفيع احمد علوي: "ٻهرين سنڌي مخزن" (مقالو)، 'مهراڻ جا موتي'، پاڪستان پبليڪيشن ڪراچي، ص ۲۰۵.

(۶) "سنڌ صوبي جو گزيٽيئر"، ج ب حصو ٻهريون، ڪراچي ضلعو، بمبئي ۱۹۲۷ع، ص ۳۳.

(۷) (الف) مير شفيع احمد علوي: "ٻهرين سنڌي مخزن" (مقالو)، 'مهراڻ جا موتي'، پاڪستان پبليڪيشن ڪراچي، ص ۶-۲۰۵.

● پرهه قتي (٧٩)
● جعفر زٽلي (١١)
● حقيقت اسلام (٧٢)
● ديس سدار (٤)
● ڊرٻ درشن (١٥)
● ڊي - جي - سنڌ ڪاليج مسلني (٦)
● رتن (٥٠)
رهنما (٨٨)
روح ادب (٨٧)
روح رهاڻ (٢٢)
● مارنگ (٧٨)
ساقي (٦٠)
سرسوتي (١)
سُک جو سنيهو (١٤)
سيک ينگ مئنس ائسوسيئيشن جو ماهوار رسالو (١٧)
سماج (٤٠)
سناتن ڌرم پرچارڪ (٥)
سندر ساهت (٢٦)
سنڌ شيوڪ (٢٧)
سنڌو (٤٨)
● شيوا (٢٤)
● صحيفه قادري (١٦)
● طالب المولي (٨٠)
● عام راه (٧٦)
عرفان لطيف (٧٥)
عصرلو (٧١)
علمي دنيا (٤٤)
عندليب (٢٩)
● فردوس (٨١)
● قلواري (٤٣)
قليلي (٣٠)
قولستان (٥٩)
● قرآني (٥٤)
قليچ (٨٢)
● ڪچڪول (١٢)
ڪهاڻي (٥٧)
● گلدستو (٢٣)
گلدستو (٨٤)
گلزار (٤٩)
گلستان (٣٩)
گلستان (٤٧)
گلستان (٦٥)
● مبلغ (٥١)
مجاهد (٥٨)
مخلص (٥٦)
مدرس ماهوار (٨)
مدرسه (٣)
مطالبه حق (٣٥)
معارف (٥٥)
معاون (٢)
ملاسڪول مخزن (٢٠)
موحد (٨٣)
مؤذن (٧٣)
مهراڻ (٦٦)
● نصرت حق (٣٦)
نوراسلام (٥٢)
نئين دنيا (٦٨)
نئين زندگي (٧٧)
نئين ڪيتي (٨٦)
● وديا (٢٥)

ڊاڪٽر نواز علي "شوق"

# سنڌي مشاعرا - ورهاڱي کان اڳ

تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿيندو ته ساسانين کان مغلن تائين ايشيا جي هن حصي، يعني هاڻوڪي پاڪستان ۽ هندستان ۾ شعرفهمي درٻاري ۽ سماجي زندگيءَ جو هڪ لازمي جز هئي. هيءُ اهڙو فن هو، جنهن سان بادشاهه توڙي سنڌن رعيت هر طرح حظ حاصل ڪندا رهندا هئا. مشاعره جي رسم الهيءَ ذوق و شوق جو بهترين مظاهرو چئي سگهجي ٿي. مشاعرن جو خاص مقصد اهو هو ته ٿوري وقت ۾ عوام سان گهڻا شاعر واقف ڪرايا وڃن ۽ شاعريءَ جون شاهڪار شيون محفوظ ٿي سگهن. پر افسوس جو بعد ۾ "آهه" ۽ "واهه" جي داد بيداد ڪري ڇڏيو ۽ ان غلبي سبب مشاعرو هڪ اجتماعي ذوق جي تسڪين ۽ تنظيم ڪرڻ بجاءِ هڪ تماشو ۽ تفريح بڻجي ويو. اهوئي سبب آهي جو اڄ مشاعرن جو زوال ٿي رهيو آهي. تنهن هوندي به ان حقيقت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته مشاعرن ذريعي شعر و شاعري جي اشاعت جو زبردست ڪم ورتو ويو.

جيڪڏهن غور سان ڏٺو وڃي ته مشاعرا شعر و شاعريءَ جي واڌاري ۽ سڌاري ۾ وڏي اهميت رکن ٿا. شاعر پنهنجي شاعرن جي مقابلي سبب شعر لکڻ ۾ وڌيڪ محنت ڪن ٿا. ان کان علاوه شاعر فطري طور داد و تحسين جو طالب رهي ٿو، تنهنڪري هو وڌيڪ داد و تحسين حاصل ڪرڻ لاءِ وڌيڪ محنت کان ڪم وٺن ٿا. هو پنهنجو ڪلام ٻڌائڻ سان گڏوگڏ ٻين شاعرن جي ڪلام مان به حظ حاصل ڪن ٿا. اهڙن موقعن تي استاد شاعرن جي صحبت به نصيب ٿئي ٿي. صلاح و مشورو ۽ ترميم و اصلاح وغيره جون سهوليتون به ميسر ٿين ٿيون. اهڙيءَ ريت شاعريءَ جي ترقي ٿئي ٿي. سنڌ تي انگريزن جي تسلط سبب فارسي زبان جي اهميت گهٽجڻ لڳي. اڳ فارسي دفتري زبان هوندي هئي، پر انگريزن فارسي بجاءِ انگريزيءَ کي دفتري زبان بنايو، جنهنڪري فارسي جي علمي ۽ ادبي حيثيت اڳ واري نه رهي. سنڌ جا شاعر فارسيءَ ۾ شعر چوڻ فخر سمجهندا هئا، پر سنڌن شاعري گهڻي ڀاڱي روايتي شاعري هئي. هو اڳ واري گهڙيل راهه جا راهي هئا. غزل ۽ مثنوي، جيڪي فارسيءَ جون مقبول صنفون آهن، سي سنڌ جي عروضي شاعرن جون محبوب صنفون آهن.

سيد غلام محمد شاهه گدا، مير عبدالحسين سانگي ۽ مير امير علي جنونجي (خيرپور وارو) پاڻ ۾ گهرا دوست هئا. مير سانگي وٽ جيڪي مشاعرن جون محفلون ٿينديون هيون، تن ۾ هو پنهنجي طبع جا خوب جوهر ڏيکاريندا هئا. هتي هڪ اهڙي مشاعري ۾ چيل ٽنهي باڪمال شاعرن جا نموني طور ڪجهه شعر پيش ڪيا وڃن ٿا:

مير سانگي:

آئي ادلبر جي ٿيم شادي ادا،
منهنجي اڄ ٿي خانه آبادي ادا.
وامق و فرهاد ۽ مجنون ڪون پوءِ،
مون وسائي ورهه جي وادي ادا.
وه 'گدا' ڪي ياد آهي سا طريق،
جيڪا آهي طرز استادي ادا.
واه 'ماتم' بي گمان شيرين سخن،
شاعر خوش حيدرآبادي ادا.
دختر رز سان ڪيو 'ماتم' نڪاح،
جلد ٿيندو هو به اولادي ادا.

گدا:

دلبرن جي عين بيدادي ادا،
شائقن جي واسطي شادي ادا.
چوند ان مجنون ڪي عاقل چوان،
جنهن وسائي ورهه جي وادي ادا.
آهه 'ماتم' منهنجو مونس باليقين،
هردو آهيون حيدرآبادي ادا.
واه واه ان جو غزل هو بي بدل،
هن زمين جي ان ڪئي آبادي ادا.

مير امير علي:

بند عشقش آهه آزادي ادا،
سڪ سڄڻ جي عين آبادي ادا.
دختر رز سان ٿيو جنهن جو نڪاح،
ان جي گهر ۾ آهه نت شادي ادا.
'دوست' ۽ 'ماتم'، 'گدا'، 'عبدالحسين'،
هي ته آهن شعر جا عادي ادا.

رهنديون هيون. آخوند قاسم ۽ فاضل شاهہ گذاري ويا هئا، باقي مرحوم عاجز ۽ مرحوم حافظ بہ اتي ئي رهندا هئا، جي شعر جون محفلون مچائيندا رهندا هئا. اهي سڀ متانت ۽ فضيلت وارا هئا. ڪنهن جي مجال جو سندن ڪچهريءَ ۾ ڪو گستاخي ڪري يا ڪا اجائي بيهودي ڳالهہ ڪري. سندن سنگت ۽ صحبت عبرت نما ۽ سبق آموز هئي. هُو سخن چوندي ۽ ٻڌندي وقتي هڪ ٻئي تي چوٽون بہ ڪندا هئا، تہ داد بہ ڏيندا هئا، مگر اهڙي سليقي سان جو اڳلو خوش ٿئي ۽ نہ رنجيدو" (ا)

شڪارپور شهر ۾ آغا صوفي ۽ ٻين شاعرن جي ڪوشش سان مشاعرا ٿيندا هئا. مئي ۱۹۳۳ع ۾ سنڌي ساهت سميلن جي موقعي تي هيٺين مصرع طرح تي مشاعرو ٿيو هو.

"ٻڌين ٿو ڪين ڇا ٻوڙا اچي رڳ سان تن تن تي"

۱۹۳۴ع ۾ هيءَ طرح ڏني وئي هئي:

"خُدا پيدا ڪئي ساري خدائي يار جي خاطر"

ٻين مشاعرن جون طرحون هيٺين ريت هيون:

گلرخن سان آ محبت ڪجهہ نہ ڪجهہ.

—•—

سج چڙهي آيو سٺي ات ننڊ مان بيدار ٿي.

—•—

رخ مهتاب سهڻي تي اسان جي دل فدائي آ.

سنڌي ساهت سميلن جي سنڌي مشاعرن ۾ نہ صرف شڪارپور جا مشهور شاعر حصو وٺندا هئا، پر ٻاهريان شاعر بہ انهن محفلن ۾ شريڪ ٿي، پنهنجو ڪلام پڙهندا هئا. اهڙيءَ ريت شڪارپور شهر ۾ بہ مشاعرن جي شمع روشن رهي ۽ جنهن جي جوت سنڌي عروضي شاعريءَ کي خوب چمڪايو.

سنہ ۱۹۳۴ع ۾ جيڪب آباد ۾ هڪ بزم مشاعره جو بنياد وڌو ويو، جنهن جو صدر غلام سرور مغل ۽ سيڪريٽري حافظ خيرمحمد اوحدي هئا. هن بزم جي سهاري هيٺ اوحدي صاحب ۽ مرحوم مغل جي ڪوشش سان ڪيئي مشاعرا ٿيا، جيڪي گهڻي ڀاڱي ڪامياب رهيا. اهي مشاعرا مرحوم غلام سرور مغل جي پاڙي ۾ هڪ يتيم خاني ۾ ٿيندا هئا. دراصل اتي ڪو يتيم خانو ڪونہ هو، پر هڪ ديني مدرسو هو، تنهن جي ڪشادي ايوان ۾ مشاعرن جون محفلون ٿينديون رهنديون هيون، پر ان جڳهہ کي يتيم خانہ چيو ويندو هو.

---

(ا) "نئين دنيا" بمبئي، "عزيز پرچو": سيپٽمبر ۱۹۷۱ صفحو ۹

هن بزم جو پهريون مشاعرو سال ١٩٣٤ع ۾ ٿيو. اهو مشترڪ مشاعرو هو، جنهن ۾ سنڌي ۽ اردو ٻنهي زبانن جي شاعرن شرڪت ڪئي. انهن شاعرن ۾ مولانا عبدالوهاب صاحب اوستہ محمد وارو جيڪو پنهنجي دور جو وڏو عالم هو، سو اچي شريڪ ٿيندو هو. شڪارپور جو مشهور شاعر، اديب ۽ ڊراما نگار آغا صوفي به اچي هن بزم جي مشاعرن ۾ پنهنجو ڪلام پڙهندو هو.

حاجي محمود خادم جي جڏهن ڪراچي بدلي ٿي ته اتي حڪيم فتح محمد سيوهاڻي سان سندس ملاقاتون ٿيڻ لڳيون. جيئن ته ٻئي سنا اديب ۽ شاعر هئا تنهن ڪري هنن پنهنجي ذوق جي تسڪين ۽ ادب جي واڌاري خاطر پاڻ ۾ صلاح ڪري ڪراچي ۾ هڪ ادبي انجمن قائم ڪئي جنهن جي سهاري هيٺ ماهوار مشاعرا ٿيندا هئا. اهي مشاعرا گهڻو ڪري ڪنهن عنوان تي ٿيندا هئا، شاعرن کي بحر وزن ۽ قافيہ رديف وغيره جي آزادي هوندي هئي.

سنڌي زبان جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ پهرين آڪٽوبر ١٩٣٣ع اچر ڏينهن حڪيم فتح محمد جي جاءِ تي علم دوست هندن ۽ مسلمانن جي هڪ گڏجاڻي ٿي، جنهن جي صدارت حاجي محمود خادم ڪئي. ان گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ اديبن ۽ شاعرن سنڌيءَ کي عام فهم بنائڻ بابت پنهنجا خيال هڪ ٻئي جي آڏو رکيا. حڪيم فتح محمد صاحب سنڌي ٻوليءَ کي سنڌ ۾ رهندڙ هندن مسلمانن جي هڪ گڏيل وٿ ۽ شراڪتي ملڪيت ثابت ڪري هن ڳالهه تي زور ڏنو ته ٻوليءَ مان هڪدم مسلمانڪي هندڪي نڪرڻ گهرجي. ٻولي اهڙي چالو ڪجي جا مسلمان لکن، ته هندو سمجهن ۽ هندو لکن ته مسلمان سمجهن. جدا جدا نمونن ۾ ٻولي لکڻ ۽ ڳالهائڻ سبب به هندو مسلمان هڪ ٻئي کي سمجهي نہ سگهيا آهن. آخر حڪيم صاحب جي رٿن ۽ سڀني جي پسنديءَ سان رٿيل سوسائٽيءَ جو نالو 'سنڌي سڌار سوسائٽي' رکيو ويو، جنهن جا عهديدار في الحال ڪم هلائڻ لاءِ هيٺيان صاحب يڪراءِ چونڊيا ويا:

پريزيڊنٽ: حڪيم فتح محمد سيوهاڻي.
وائيس پريزيڊنٽ: مسٽر جي-اين ناگراڻي، ۽ حاجي محمود صاحب لاڙڪاڻوي.
سيڪريٽري: مسٽر گوپي رام رکياڻي.
جوائنٽ سيڪريٽري: ميان عبدالله عبد.

## سوسائٽي جا مقصد ۽ مدعا:

(١) سنڌي ٻوليءَ جي سڌاري، واڌاري ۽ عام فهم بنائڻ لاءِ هر طرح جي ڪوشش ڪرڻ.
(٢) ڪراچيءَ ۾ هڪ مرڪزي سنڌي لائبريري برپا ڪرڻ، جنهن ۾ اڳين ۽ هاڻوڪن هندو ۽ مسلمان مصنفن جا سنڌيءَ ۾ لکيل ڪتاب عام ماڻهن جي پڙهڻ لاءِ موجود ڪرڻ ۾ ايندا.
(٣) سنڌي ٻوليءَ جي هڪ پوري ۽ وڏي لغت تيار ڪرڻ.

هن ڪانفرنس ۾ ڪيترن ئي شاعرن پنهنجا شعر پڙهائي، پڙهڻ وارن کان داد حاصل ڪيو. آخر ۾ راڳ رنگ جي محفل سان ماڻهن کي مسرور ڪيو ويو.

هن ڪانفرنس جي ان ڪري وڏي اهميت آهي جو هن ڪانفرنس جي موقعي تي 'جمعيت‌الشعراء سنڌ' قائم ڪئي ويئي، جنهن جي سهاري هيٺ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ڪيتريون ئي ادبي ڪانفرنسون ۽ مشاعرا ٿي چڪا آهن، ۽ اهو نيڪ سلسلو اڃا سوڌو جاري آهي.

جمعيت‌الشعراء جون ڪانفرنسون عروضي شاعريءَ جي ترقيءَ لاءِ قابل تعريف آهن. نه صرف جمعيت طرفان هر سال مشاعرن جون محفلون مچائڻ جو رواج پيو، پر شاعريءَ کي ترقي وٺرائڻ لاءِ سال ۱۹۴۱ع ۾ 'اديب سنڌ' رسالو پڻ جاري ڪيو ويو. ان رسالي معرفت نون شاعرن کي عروض متعلق سمجهاڻي ڏني ويندي هئي. ان دور جا شاعر هڪبئي تي خوب تنقيدون ڪندا هئا. اهڙيءَ طرح شاعرن ۾ تنقيد جو شعور وڌيو، ۽ سندن رهبري ٿيندي رهي. پر اهي تنقيدون ڪڏهن ڪڏهن دل‌آزاريءَ جو سبب بڻجنديون هيون. ان سلسلي جا مقالا جيڪڏهن ڪٺا ڪيا وڃن، ته جيڪر شاعريءَ تي تنقيد بابت سٺو مواد جمع ٿي وڃي.

جمعيت‌الشعراء سنڌ طرفان جيڪي ڪانفرنسون ڪوٺايون ويون، تن سان جيڪڏهن هرهڪ جو هتي احوال ڏنو ويندو ته هيءُ هڪ طويل مقالو بڻجي ويندو، تنهنڪري هتي صرف ايترو چوڻ ڪافي ٿيندو ته هن جمعيت سنڌي زبان ۽ ادب جي جيڪا خدمت ڪئي آهي، سا قابل قدر آهي.

آخر ۾ اهو چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ ڪونه ٿيندو ته لاڙڪاڻي کي ان سلسلي ۾ مرڪزي حيثيت حاصل رهي آهي. خاص طور قادري خاندان جي ادب پرور بزرگن پنهنجي اوطاق تي مشاعرن جون محفلون منعقد ڪرائي علم دوستيءَ جو وڏو ثبوت ڏنو. ان کان علاوه هفتيوار اخبار 'الحقيقت' ذريعي انهن مشاعرن جون ڪارروايون ان دور ۾ پري پري تائين ماڻهن کي معلوم ٿينديون رهيون ۽ ان سان گڏوگڏ ان دور جو ادبي ذخيرو 'الحقيقت' جي فائلن ۾ محفوظ ٿي ويو. 'الحقيقت' جي فائلن ۾ ان قسم جو تمام گهڻو احوال محفوظ آهي. هتي صرف نموني خاطر هڪ مثال پيش ڪجي ٿو، جو سال ۱۹۳۲ع جو چوٿون مشاعرو هو. ان جي ڪارروائي هفتيوار الحقيقت لاڙڪاڻي ۾ شايع ٿي هئي. ان مشاعري جي ڪارروائي ڪجهه هن ريت هئي:

"سال ۱۹۳۲ع جو مشاعرو نمبر ۴ تاريخ ۱۰ برسات هئڻ سبب تاريخ ۱۱-جولاءِ سن ۱۹۳۲ع وقت ساڍي ۹ بجه کان ڏيڍ بجه تائين بصدارت جناب بهادر محمدايوب‌خان جنهن ۾ مندرجه ذيل حاضر صاحبن جي فهرست مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته گذريل جلسن کان ڪيترو نه وڌيڪ هي جلسو ڪامياب ٿي گذريو.

## مشاعرن جون طرحون:

ان دور ۾ جيڪي طرحي مشاعرا ٿيندا هئا، تن جون طرحون گهڻوڪري عشقيه هونديون هيون، هن هيٺ ڪجهه مثال پيش ڪجن ٿا:

بزم مشاعره لاڙڪاڻه ۲ جون ۱۹۳۳ع

مصرع طرح:

”نه بعد مرگ ڪڏهن آيو منهنجي تربت تي.“

بزم مشاعره حيدرآباد سنڌ، ۶ جون ۱۹۳۷ع

مصرع طرح:

”نه پهلو ۾ ئي دل آهي نه دل ۾ آرزو باقي“

بزم احسن ملڪاڻي: ۱۰ مئي ۱۹۳۳ع

مصرع طرح:

”عاشق ڪان يار تو ڪي ڪهڙو حجاب آهي“

بزم مشاعره حيدرآباد سنڌ: ۱۴ اپريل ۱۹۳۷ع

مصرع طرح:

”آب دائو جو ڪيو بيمار جو تو يار بند“

بزم مشاعره حيدرآباد سنڌ: ۲ مئي ۱۹۳۷ع

”شب فرقت جي اي مولا سحر ڪر“

بزم مشاعره ڪراچي: ۲۱ آڪٽوبر ۱۹۳۳ع

مصرع طرح:

”مزو انگور جو ميخوار ڪان پڇ“

ڪراچي ۽ ٻين شهرن ۾ ٿيندڙ مشاعرن ۾ ڪڏهن ڪڏهن غير عشقيه طرحون به ڏنيون وينديون هيون. مثال طور ۱۶ ڊسمبر ۱۹۳۳ع ۾ ڪراچي ۾ ٿيندڙ مشاعره ۾ هيئين طرح ڏني وئي:

”قلب مان ڪينو ڪيڊي هڪ ٿي ويو هر حال ۾“

ڪراچيءَ ۾ ’سنڌ سڌار سوسائٽي‘ طرفان جيڪي مشاعره ٿيندا هئا، تن ۾ مصرع طرح ڏيڻ بجاءِ ڪو عنوان مقرر ڪيو ويندو هو ۽ شاعر حضرات ان عنوان تي نظم لکي ايندا هئا. اهڙيءَ ريت غزل جي شاعرن ۾ نظم لکڻ جو شوق پيدا ٿيو. ان سوسائٽيءَ جي سهاري هيٺ ۳۰ اپريل ۱۹۳۳ع ۾ ”قرباني“ عنوان مقرر ڪيو ويو هو. اهڙي ريت ”مردانگي“ ”برسات“ ”عالم جي ناپائداري“ ۽ ”قادر جي قدرت“ وغيره جي عنوانن تي مشاعرن جون محفلون ٿيون، جن ۾ شاعرن خوب حصو ورتو ۽ سهڻا نظم پيش ڪيا. مثال لاءِ فقير هدايت علي تارڪ جو نظم پيش ڪجي ٿو، جو هن سنڌ سڌار سوسائٽيءَ جي ۳۰ اپريل ۱۹۳۳ع واري مشاعري لاءِ لکيو هو:

# نظم قرباني

جڳائي ملڪ ۽ ملت جي خاطر سر جي قرباني،
ٿيوي من سا قبول خالق تو ڪمتر جي قرباني
وطن تي قوم تي يارو ڪرڻ گهرجي اسان کي،
ٿي دل و جان آل مال وسيم جي ۽ زر جي قرباني
اسان جي ٿيندي عالم ۾ عيان ثابت سچائي سڀ
ڪنداسين راهه ملت ۾ ڪٿي جي گهر جي قرباني
اسان کي آهه سيکاريو سبق اسلام هي دل سان،
ڪريو منجهه وات حق جي چيز خوش بهتر جي قرباني
يلا جي ڪو خوشامد ۽ ريا سان ڪجهه ڪندو صدقو
ته ڪين منظور ٿيندي تنهن ريا پرور جي قرباني
خدا قرباني هر ڪنهن جي اگهائي پنهنجي در تي ٿو،
وٺي هڪ جهڙي آهه آقا جي ۽ نوڪر جي قرباني
اسان ڪنهن کي مڃئون ڪنهن کي نه ٿا پنهنجي جهالت کان،
خدا تان ڪين موٽائي ٿو ڪنهن ڪافر جي قرباني
هو ابراهيم کي ارشاد قرباني سندو رب کان،
اتان هن پنهنجي ڪٺي دل بند پٽ نينگر جي قرباني
سخن ليکيء جو عالم کي چوڻ روئي ريا جي ريء،
اها دنيا ۾ ٿي تارڪ سخن گستر جي قرباني.



حال ڏسي سگهنن جي اها وائي وات هوندي تہ بس صفا ابوجھ اُوڳو پکي آهي، پر يار! نينهن نڀائي جاڻي ۽ پرت پڄائي جاڻي!

اڏامندي آهي تہ گهڻو ڪري مٿي چڙهي ۽ لامون ٺاهي وي (V) جو نمونو ٺاهي اڏامندي آهي ۽ ڪڇ ڪپل پنڌ ڪان پوءِ گهيرو ٺاهي ڦيرو ڪندي آهي ۽ مٿي چڙهندي يا لهندي ڪرڪندي رهندي آهي. ڪيتري ئي مٿي چونہ هجي، پر سندس آواز زمين وارن جي ڪنن تي ضرور پوندو.

سنڌ سان پراڻو پيار اٿس ۽ هر سال پنهنجي ٻاجهاري ٻوليءَ سان اچيو سنڌ کي سلام چوي ۽ پراڻا پيار ياد ڏياري. سياري جا چند مهينا سنڌ ۾ رهي، مارچ ڌاري پنهنجي ماڳ موٽيو وڃي، پر ويندي بہ ستل سور جاڳايو وڃي.

ترڪستان، اوپر سائبيريا ۽ مانشوريا (Manchuria) ۾ لڳي، ويامي وڃيو پنهنجي ماڳ مئي ۽ جون جي مهينن ۾.

[باقي آئنده]



كئپٽن ڊاڪٽر محمد زمان شيخ (قسط-٢)

# سنڌ ۾ طب — صدين جي آئيني ۾

[مهراڻ ١-٢/١٩٨٠ع، ص ٢٤٣ مان لاڳاپيل]

جيستائين سنڌ ۾ طب جي تاريخ جو لاڳاپو آهي تہ اها پڻ تهذيبي ۽ تمدني قدرن وانگر شروعات ۾ مبهم نظر اچي ٿي. سنڌ ۾ طب جي وجود ۾ اچڻ جا ڪجهہ چٽا شروعاتي اهڃاڻ موئن جي دڙي جي تاريخي کنڊرن مان ظاهر ٿين ٿا. دنيا جي تاريخ ۽ آثار قديمہ جي کنڊرن جي مطالعي کان پوءِ هر ملڪ جي تهذيب ۽ تمدن بابت جيڪي حقيقتون هٿ آيون آهن، تن ۾ اهوئي قبائلي رنگ جهلڪي ٿو، جيڪو سڌريل دور کان اڳ هرهنڌ هو. ساڳي ڳالهہ سنڌ جي بابت ڪري سگهجي ٿي. ظاهر آهي تہ سنڌ بہ باقي دنيا کان الڳ ٿلڳ ڪانہ رهي هوندي. طب جي شروعات هر هنڌ ساڳي هئي، چاهي اهو مصر هجي، عراق هجي، هند هجي يا سنڌ.

ٻين علمن وانگر طب جي علم جي شروعات بہ وهمي معلومات سان ٿي ۽ تمدن جي ترقيءَ سان گڏ هن ۾ ترتيب ۽ تهذيب جي شان پيدا ٿيندي وئي. جالينوس، بقراط جي ڪتاب 'الايمان' جي شرح ۾ طب جي شروعات لاءِ لکيو آهي تہ ان لاءِ طبيبن، مورخن ۽ محققن جا ٻہ گروه آهن:

(١) اهو گروه، جنهن جي راءِ ۾ طب تمام قديم آهي ۽ انسان سان گڏ ان جو وجود آيو، ڇاڪاڻ تہ هي علم هر دور ۾ انسان لاءِ ضروري هو. (٢) ٻيو گروه طب کي حادث قرار ڏئي ٿو. ان جا بہ رايا آهن. ٻهريون تہ هي فن تجربي ۽ قياس سان پيدا ٿيو. ٻيو تہ طب جو فن وحي الهام جو نتيجو آهي. بقراط آخري گروه سان واسطو رکندڙ هو. جالينوس بہ 'تفسيرالعهد' ۾ ساڳي الهام جي ڳالهہ ڪري ٿو. افلاطون بہ پنهنجي ڪتاب 'ايساستا' ۾ اسقليبوس کي الهامي مڃي ٿو. يهودين جو خيال آهي تہ هن علم کي خدا حضرت موسيٰ تي نازل فرمايو. مجوسين جو پڻ خيال آهي تہ زردشت تي جن ڇٽن قسمن جي علمن جا ڪتاب نازل ٿيا، تن مان طب بہ هڪ آهي. هندو بہ آيورويدڪ کي وحي ۽ الهام جو سرچشمو سمجهن ٿا. (ان جو مفصل احوال باب ٤ ۾ ايندو) 'صائبي' جو رايو بہ اهو آهي. اهو علم سندن عبادت گاهن

غلام محمد لاکو

# ڇا دريا خان ۽ مبارڪ خان ٻه الڳ شخص آهن؟

ويجهڙائيءَ ۾ سنڌالاجي "ارغونن ۽ ترخانن جي تاريخ" نالي هڪ ڪتاب انگريزيءَ ۾ ڇاپيو آهي (۱). هي ڪتاب ايم- ايچ صديقي صاحب تاريخ معصوميءَ جي ترجمي ۽ شرح سان بطور ڊاڪٽريٽ ٿيسز جي مئنچيسٽر يونيورسٽيءَ ۾ پيش ڪيو آهي. فاضل مؤلف، مير صاحب جي غلطين جي اصلاح ڪندي، پنهنجي طرفان ڪتاب تي ڍاڍا قيمتي حاشيا لکيا آهن. بهرحال هڪ حاشيي اندر صديقي صاحب "سما دؤر" جي هڪ سورمي، جنهن جو اصلي نالو 'قبوليو' هو، جيڪو پوءِ 'دريا خان' نالي ۽ 'مبارڪ خان' لقب سان مشهور ٿيو، تنهن بابت لکيو آهي ته:

"Darya Khan and Mubarak Khan are clearly two different persons"(۲).

ان بعد پنهنجي راءِ کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ ٽي رايا ڏنا اٿس:

(۱) مبارڪ خان، ڄام نندي جو وزير هو، جيڪو هڪ دفعي شاهه بيگ سان وڙهيو هو، (طبقات III، فرشته ۽ ماثر رحيمي II).

(۲) سنڌس ذڪر فيروز جي وقت ۾ نه ٿيو آهي، شايد اڳ مري ويو هجي؟

(۳) تاريخ طاهري مبارڪ خان ۽ دريا خان جو الڳ الڳ ذڪر ڪيو آهي (۳).

مناسب آهي ته پهرين فاضل مؤلف جي ٽنهي نقطن جو جدا جدا جواب ڏجي ۽ بعد ۾ صحيح صورتحال لاءِ مجموعي اپياس ڪجي.

(۱) فاضل مؤلف ٻڌائي ٿو ته مبارڪ خان، ڄام نندي جو وزير هو ۽ هڪ دفعي شاهه بيگ سان وڙهيو هو. هت اسين جنگ جي ممڪنه سال ۽ سنڌي قيادت بابت تفصيلي بحث ڪنداسين. هن اپياس ڪندي هن معاملي جي پڻ ڇنڊڇاڻ ٿيندي ته مبارڪ خان ۽ ڄام نندي جي وچ ۾ ڪو سماجي ناتو يا واسطو به هو يا هو صرف سنڌس درٻاري وزير ۽ امير هو؟ اچو ته تاريخ جا ورق اٿلايون. مقامي مورخن سان قانع ۽ مير معصوم نندي جي دؤر ۾ سبيءَ تي ٿيل حملي جو ذڪر ڪيو آهي. تازين ڪوجنائن جي آذار تي هيءُ معلوم ٿيو آهي ته هيءَ يلغار ۸۹۲هه ڌاري ٿي ۽ سنڌي قيادت ان بعد پيدا ٿيل صورتحال تي ۸۹۵هه

(١٧) علي شير قانع "تحفة الڪرام" ص ١٠٩ ۽ ١١٠، ايڊٽ سيد حسام الدين راشدي بورڊ ايڊيشن.

(١٨) حوالو (١٧)، ص ١٤١.

(١٩) مرزا قليچ بيگ "قديم سنڌ" ص ٢٤٩، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٦٦ع.

(٢٠) (i) رچرڊ برٽن "سنڌ ۽ سنڌو ماٿر ۾ وسندڙ قومون"، ص ١٢١ ۽ ١٢٢، از حنيف محمد صديقي. (ii) ڪراچيءَ وارو انگريزي ايڊيشن، ص ١٣٠، ايڊٽ ايچ- ٽي- ليمبرڪ.

(٢١) هينري ڪوزنس "The antiquities of Sindh" ۾ لکي ٿو:

"...but being a minor, an officer of the court, and adopted son of Jam Nindo, Daryakhan, was constituted regent, and managed all public affairs (p. 32).

(٢٢) حوالو (٢٠) ص ٢٤٨.

(٢٣) حوالو (٦) تعليقات، ص ٣٦١.

(٢٤) حوالو (١٠)، ص ٣١٠.

ڊاڪٽر صاحب تعليقات معصومي (اردو) ۾ هن موضوع تي قدري تفصيل سان لکيو آهي. (ص ٤٨٧ ۽ ٤٨٨).

(٢٥) قانع علي شير "مڪلي نامه" ص ٩٦، ايڊٽ سيد حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٦٧ع.

(٢٦) مولائي شيدائي "جنت السند" ص ٣٥٩، سال ١٩٥٨ع سنڌي ادبي بورڊ.

(٢٧) اعجاز الحق قدوسي "تاريخ سنده" جلد اول ص ٤٧٧-٨. مرڪزي اردو بورڊ، لاهور.

(٢٨) دريا خان جي تفصيلي سوانح لاءِ ڏسو اسان جو مقالو "دريا خان شهيد - سوانح ۽ مدفن" الرّحيم مارچ - اپريل ١٩٧٩ع شاهه ولي الله اڪيڊمي، حيدرآباد سنڌ.

## مددي ڪتاب


(1) M.H. Sidiqui: 'History of Arghuns and Tarkhans of Sindh' Sindhology 1972 A.D

(2) Burton: 'Sindh and the races that inhabit in the valley of Indus' ed: Lambrick Oxford Karachi.

(3) Major Haig: 'The Indus delta country' Indus Publications Karachi, 1972 A.D

(4) H. Cousens: 'The Antiquities of Sind' Oxford edition, 1975 A.D

(٥) برٽن: 'سنڌ ۽ سنڌو ماٿر ۾ وسندڙ قومون' مترجم: محمد حنيف صديقي، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٧١ع.

(٦) مير معصوم: 'تاريخ معصومي' مترجم: امير احمد مخدوم، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٥٩ع.

(٧) ايضاً، اردو ايڊيشن (مترجم اختر رضوي)، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٥٩ع.

(۸) ڊاڪٽر غلام علي الانا: 'ڇيهه سنڌي ڪتابن جي ببليوگرافي'، سنڌ الاجي ۱۹۷٦ع.
(۹) مرزا قليچ بيگ 'قديم سنڌ ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو'، سنڌي ادبي بورڊ ۱۹٦٦ع.
(۱۰) سيد ميرمحمد 'ترخان نامه' ايڊٽ سيد حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ ۱۹٦۵ع.
(۱۱) طاهر محمد 'تاريخ طاهري' ايڊٽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي ادبي بورڊ ۱۹٦۴ع.
(۱۲) ادراڪي بيگلاري 'بيگلار نامه' محمدصديق ميمڻ، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، حيدرآباد ۱۹۴۷ع.
(۱۳) مولائي شيدائي 'جنت السنڌ'، سنڌي ادبي بورڊ ۱۹۵۸ع.
(۱۴) قانع علي شير 'تحفة الڪرام' اميراحمد مخدوم، سنڌي ادبي بورڊ ۱۹۵۷ع.
(۱۵) ايضاً، (فارسي ايڊيشن) ايڊٽ سيد حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ ۱۹۷۱ع.
(۱٦) قانع علي شير 'مڪلي نامه' ايڊٽ سيد حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ ۱۹٦۷ع.
(۱۷) قدوسي اعجازالحق 'تاريخ سنده' جلد اول، مرڪزي اردو بورڊ، لاهور.
(۱۸) ابونصر محمد خالدي 'تقويم هجري و عيسوي'، اردو بورڊ، ڪراچي ۱۹۷۴ع.
(۱۹) ميرڪ يوسف 'تاريخ مظهر شاهجهاني'، مترجم: نياز همايوني، سنڌي ادبي بورڊ ۱۹۷۹ع.



نفيس احمد شيخ [ادبي خبرنامو]

# پاڪستان اهل قلم ڪانفرنس

## هڪ مختصر جائزو

تاريخ ٢٥-٢٦ نومبر ١٩٨٠ع تي، اسلام آباد ۾ پاڪستان اڪادمي ادبيات جي ڪوشش سان ڪل پاڪستان اهل قلم ڪانفرنس منعقد ٿي، جنهن جو افتتاح صدر مملڪت جنرل محمد ضياءالحق ڪرڻ فرمايو.

ڪانفرنس ۾ پاڪستان جي ڪنڊ ڪڙڇ مان آيل تقريبن ڇهن سون نمائندن شرڪت ڪئي، جن ۾ آزاد ڪشمير ۽ قبائلي علائقن جا اهل قلم پڻ شريڪ هئا. پاڪستان جي تاريخ ۾ غالباً اهو پهريون موقعو هو، جو ملڪ جي لکندڙن جو ايڏو وڏو اجتماع ٿيو هو.

سنڌ مان ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر عطا محمد حامي، ڊاڪٽر اياز حسين قادري، مسٽر غلام رباني، مرزا اسد بيگ، پروفيسر محمد اسحاق ابڙو، مسٽر اسدالله ڀٽو، مسٽر بشير احمد شاد، مسٽر عبدالخالق بلوچ، مسٽر قاضي خادم ۽ بنده راقم شامل هئا.

اسلام آباد پهچڻ تي اڪيڊمي آف ليٽرس جي ڊئريڪٽر جنرل ۽ ڪانفرنس جي منتظم اعليٰ جناب مسيح الدين احمد صديقيءَ ۽ سنڌس رفيقن مهمانن جو گرمجوشيءَ سان استقبال ڪيو ۽ ڪين اسلام آباد هوٽل ۽ گورنمينٽ هاسٽل پهچايو، جتي سندن رهائش جو تمام سٺو انتظام ٿيل هو.

تاريخ ٢٥- نومبر تي، اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان جي تاريخي هال ۾ صدر مملڪت جنرل محمد ضياءالحق، ڪانفرنس جو افتتاح ڪندي فرمايو ته اديبن کي ملڪ جي نظرياتي سرحدن جي دفاع ۾ پنهنجو ڪردار ڀرپور نموني ادا ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجو قلم اسلام ۽ پاڪستان جي خدمت لاءِ وقف ڪرڻ گهرجي.

صدر محترم فرمايو ته حڪومت اديبن جي تخليقي سرگرمين تي ڪنهن به قسم جي پابندي عائد ڪرڻ جو ڪوبه ارادو نٿي رکي، تاهم دنيا جي ڪنهن به حصي ۾ ڪڏهن به ڪنهن کي ڇڙواڳي حاصل نه رهي آهي. حڪومت چاهي ٿي ته ملڪ جي تعمير نو لاءِ اديب پنهنجو تعميراتي ڪردار پوري آزاديءَ سان ادا ڪن.





اهل قلم ڪانفرنس ۾ ”ايوان صدر“ ۾ ڪوٺايل مشاعري جو منظر. جناب مسيح الدين احمد صديقي، ڊائريڪٽر جنرل پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس مشاعري جي ڪارروائي هلائي رهيو آهي.



اهل قلم ڪانفرنس ۾ سنڌي اديب جناب غلام رباني، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي ۽ پروفيسر محمد اسحاق ابڙو ۽ ٻيا اديب صاحبان ڪانفرنس هال ۾ داخل ٿي رهيا آهن.



خاطر غزنوي ۽ خواتين مندوبين.

شام جو آخري اجلاس ٿيو، جنهن جي صدارت ڊاڪٽر محمد افضل، چيئرمن يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن، ڪئي. ان جو موضوع هو: ”تعليم ۽ تخليقي ادب“. ان اجلاس ۾ پروفيسر شريف ڪنجاهي، ڊاڪٽر شمس الدين صديقي، جملہ هاشمي، انجم اعظمي ۽ ظهير فتحپوري پنهنجا پنهنجا پيپر پڙهيا.

ٻہ روزه اهل قلم ڪانفرنس ۾ متعدد ٺهراءَ پاس ڪيا ويا، جن ۾ افغان مسلم ڀائرن سان همدرديءَ جو اظهار ڪيو ويو، نظام اسلام جي قيام لاءِ ورتل ڪوشش لاءِ صدر محترم جي خدمات کي ساراهيو ويو ۽ ملڪ جي قومي زبان ۽ ٻين سمورين علائقائي زبانن جي ترقي ۽ ترويج لاءِ مثبت تجويزون منظور ڪيون ويون.

ڪانفرنس جي اختتام تي، ٢٦- نومبر، رات جو صدر موصوف اديبن جي اعزاز ۾ ”ايوان صدر“ ۾ عشائيہ ڏنو، جنهن ۾، ڪانفرنس ۾ شريڪ اديبن سان گڏ وزيرن ۽ سيڪريٽرين ۽ ٻين اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي.

ان موقعي تي پڻ صدر صاحب اديبن سان غير رسمي طور مليو، جنهن جو اهل قلم حضرات جي دلين تي نهايت خوشگوار اثر ٿيو.

عشائيہ کان پوءِ حفيظ جالندريءَ جي صدارت ۾ مشاعري جي هڪ پروقار محفل منعقد ٿي، جنهن جو اختتام نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي نعت شريف تي ٿيو.

ٽئين ڏينهن تي، ڪانفرنس جا مندوبين پنهنجن پنهنجن شهرن ڏانهن روانا ٿيا.

ڪانفرنس کي ڪامياب ڪرڻ جي سلسلي ۾ مرڪزي وزير تعليم محترم محمد علي خان آف هوتي، مرڪزي سيڪريٽري تعليم جناب عبدالعلي خان ۽ اڪادمي ادبيات پاڪستان جي ڊائريڪٽر جنرل جناب مسيح الدين احمد صديقي، انٿڪ محنت، خلوص ۽ محبت سان رات ڏينهن ڪم ڪيو ۽ پاڪستان جي ڪنڊ ڪڙڇ مان آيل اديبن ۽ نمائندن جون دليون کسي ورتيون ۽ سندن خدمت چاڪريءَ ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪسر ڪانہ ڇڏي. سمورا مندوبين مٿين صاحبن ۽ سندن عملي، خاص طرح محترم ارشاد علي شاهہ صاحب، اسسٽنٽ ايڊيوڪيشنل ايڊوائيزر جي حسن سلوڪ جي تعريف ڪري رهيا هئا.

اهل قلم ڪانفرنس جهڙا باوقار قومي اجتماع، مختلف علائقن جي اهل قلم دانشورن کي هڪ ٻئي سان ملڻ ۽ تبادلہ خيالات جو موقعو فراهم ڪن ٿا. انهن اجتماعن وسيلي قومي وحدت کي استحڪام ملي ٿو، جيڪو هڪ نظرياتي مملڪت لاءِ نهايت ضروري آهي.

اميد ڪجي ٿي تہ هي ڪانفرنس فقط ”نستند، گفتند، برخاستند“ تائين محدود نہ رهندي، پر انهن دور رس نتيجن جي عملي شڪل اختيار ڪندي، جن جي حاصلات لاءِ ان جو اهتمام ڪيو ويو هو.

۱۰. ادبي، علمي ۽ ثقافتي پرچن لاءِ درآمدي ڪاغذ تان پنجاهه فيصد ڪسٽم ڊيوٽي معاف ڪئي وڃي.

۱۱. ادبي رسالن کي مناسب نرخ تي سرڪاري اشتهار ڏنا وڃن.

۱۲. اسڪولن ۽ ڪاليجن جي لئبررين لاءِ ادبي رسالن جي خريداري لازمي قرار ڏني وڃي.

۱۳. اسلام آباد ۾ اديبن کي رهائش جي سهوليت فراهم ڪرڻ لاءِ پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس جي سهاري هيٺ اديبن جي هاسٽل قائم ڪئي وڃي.

۱۴. اڪيڊمي آف ليٽرس، تخليقي ۽ تحقيقي ادب لاءِ جيڪي انعامات ڏئي ٿي، اهي پاڪستاني ٻولين جي مقتدر هستين سان منسوب ڪيا وڃن، جيئن ته:

(۱) اردوءَ لاءِ علامه اقبال ايوارڊ.

(۲) سنڌيءَ لاءِ شاهه عبداللطيف ايوارڊ.

(۳) پشتو لاءِ خوشحال خان خٽڪ ايوارڊ.

(۴) بلوچيءَ لاءِ چاڪر درڪ ايوارڊ.

(۵) پنجابيءَ لاءِ وارث شاهه ايوارڊ.

(۶) ملتانيءَ لاءِ غلام فريد ايوارڊ.





جناب عبدالله ميمڻ ڪمشنر حيدرآباد، قرآن پاڪ جي حضرت مخدوم نوح رح واري فارسي ترجمي جي ڇپائيءَ جو افتتاح ڪري رهيو آهي. قرآن پاڪ جو هي تاريخي نسخو سنڌي ادبي بورڊ هجري صدي تقريبات جي سلسلي ۾ شايع ڪري رهيو آهي.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.